

# سنڌ جي مڇي

## مٺي جي مڇيءَ جو مطالعو

تحقيق ۽ ترتيب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد-سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان "سنڌي ٻوليءَ جي جنس – وار ۽ ڏنڌي– وار لغات جي مطالعي واري رٿا" جي سلسلي جو ڇهريون ڪتاب

# سنڌ جي ميڇي

## پاڳو ڇهريون
## مِٺي جي ميڇي جو مطالعو
(سنڌي ٻولي ۽ لغات جي روشنيءَ ۾)

تحقيق ۽ ترتيب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
١٤١٣هه / ١٩٩٣ع

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي تحقيقي ۽ اشاعتي پروگرام جي
فروغ لاءِ مصنف طرفان هي پهريون ڇاپو اداري جي حوالي ڪيو ويو.

ڇاپو پهريون: مئي ۱۹۹۳ع
تعداد: هڪ هزار

قيمت: ۳۵ روپيا

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزم، نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر ۹۷۲
گل شاهه محلو
گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ،
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي
سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي فضلي سنز (پرائيويٽ) لميٽيڊ ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# عنوانن جي فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ▼ مهاڳ | ٥ |
| ▼ ميجي ۽ پاڻي | ١٧ |
| ▼ وڏيون ۽ ننڍڙيون ميجيون | ١٩ |
| ▼ مني ۽ ڪاري جي ميجي | ٢١ |
| ▼ مني جي ميجي جا ٽي مکيہ قسم | ٢٤ |
| ▼ ميجي جو ڪاڏو | ٢٨ |
| ▼ ڳاهہ جيڪي ميجي کائي ٿي | ٣٠ |
| ▼ ميجي جو بت ۽ عضوا | ٣٦ |
| ▼ ميجي جو پيدا ٿيڻ : نر–ماد، آنا ۽ ٻچا | ٤٣ |
| ▼ ٻچن جي سنڀال | ٥٢ |
| ▼ ٻِسَر ميجيون | ٥٤ |
| ▼ ميجي مارڻ لاءِ گهاوا ۽ چار | ٥٥ |
| ▼ ميجي جي بچاءَ جا حيلا ۽ هٿيار | ٥٧ |
| ▼ ميجي جون انوکيون عادتون | ٥٩ |
| ▼ تکي طاقتور ميجي | ٦١ |
| ▼ ڏاهي ميجي | ٦٢ |
| ▼ سهٽي ميجي | ٦٥ |
| ▼ ميجي سنڌي ادب ۾ | ٦٦ |
| ▼ ميجي جون بيماريون | ٧٢ |
| ▼ ميجي پالڻ لاءِ اپاءِ ۽ احتياط | ٧٣ |
| ▼ ميجي جو مستقبل | ٧٤ |
| ▼ مني جي ميجي جون جملي جنسون ۽ نالا | ٧٦ |

# مهاڳ

ڪنهن آڳاٽي دور کان وٺي جڏهانڪر سنڌو درياءَ ۽ هاڪڙو سنڌ مان وُڙها تڏهانڪر سنڌ مڇيءَ سان مالا مال ٿي، بنگال کان پوءِ سڄي "سِنڌ-هند کنڊ" ۾ سنڌ مڇي جي پيدائش ۾ اهم ملڪ رهيو آهي. هتي پاڻيءَ جا ٽيئي ذخيرا ساڳئي وقت موجود رهيا آهن- يعني درياءَ ۽ ان جا واهڙ ۽ ڍورا، ڍنڍون ۽ سمنڊ. هن وقت پاڪستان ۾ سنڌ صوبو ئي مڇي جي پيدائش ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي.

باوجود انهيءَ جي سنڌ جي مڇيءَ بابت اسان جي ڄاڻ "عام معلومات" تائين محدود آهي، علم حيوان (Zoology)،جي اصولن موجب، سنڌ ۾ مِٺي توڙي کاري جي مڇي جو اهڙو تحقيقي ۽ تجرباتي مطالعو جنهن سان مڇيءَ جي جنس - وار تقسيم (classification) يا ان جي طبعي بدني بناوت، هَڏائين جوڙ ۽ تشريح (anatomy) جي صحيح ڄاڻ حاصل ٿئي، سو علم وارن اڃان تائين نہ ڪيو آهي. هن وقت مڇيءَ جي ظاهري تجرباتي ڄاڻ فقط انهن ڪي ئي آهي جيڪي پاڻ مڇيءَ جو ڌنڌو ڪن ٿا.

هن ڪتاب ۾ شامل مواد جو مدار انهيءَ معلومات تي آهي جيڪا اسان ڪي مڇيءَ جي ڌنڌي وارن کان حاصل ٿي آهي. هن کان اڳ "جامع سنڌي لغات" تيار ڪرڻ وقت

راقم ڪوشش ڪئي هئي تہ هر جنس جي جدا جدا نالن کي صحيح نموني ۾ معنيٰ سميت هن جامع لغات ۾ شامل ڪجي. انهي لاءِ ڪافي ڪوشش ڪري ڪن ٻين جنسن جا نالا توڙي مٺي ۽ کاري جي مڇين منگرن جا ڪجهہ نالا هٿ ڪري جامع لغات ۾ شامل ڪيا ويا. باوجود انهيءَ جي، مڇين منگرن توڙي ٻين جاندارن، گاهن ٻوٽن ۽ ڏنڏن پيشن جي جنس–وار نالن کي وڌيڪ تفصيل سان گڏ ڪرڻ جي ضرورت باقي رهي. ڪنهن حد تائين ان جي پورائي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان هڪ خاص رٿا تيار ڪئي وئي آهي تہ جيئن جنس– وار سنڌي لغات جي مطالعي کي وڌائي سگهجي. انهيءَ رٿا کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ راقم پاڻ هيءَ پهريون قدم کنيو آهي تہ جيئن مڇيءَ جي قسمن جنسن ۽ مڇيءَ سان لاڳو ٻي لغات جو مطالعو ڪري ان کي ڇاپي پڌرو ڪجي. شروعات 'مِٺي جي مڇي' سان ڪئي وئي آهي، جنهن کان پوءِ "کاري جي مڇي" بابت لکيو ويندو.

عام دستور موجب، ڪرسيءَ تي هڪ جاءِ ويهي اڳ ڇپيل معلومات کي ميڙي سيڙي گڏ ڪرڻ بدران سڄي سنڌ ۾، اباوڙي کان وٺي شاهبندر تائين جدا جدا جاين تي وڃي، ڄاڻو ميربحرن توڙي ٻين واسطيدارن کان پڇائون ڪري هن ڪتاب لاءِ گهربل مواد کي گڏ ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي وچئين دريائي پاڳي جي ڏورن ۽ ڍنڍن کان سواءِ، اولهہ طرف منڇر ۽ ڊرگهہ جي ڍنڍن، اوڀر طرف بکار ۽ مکي جي ڍنڍن، ڏکڻ ۾ سونهري، ڪينجهر، هاليجي، هڏيرو، کوهي جي ڍنڍن ۽ ان کان اڳتي ساڪري، سڄاول، شاهبندر ۽ جاتي تعلقن جي ڍنڍن جي مڇيءَ بابت پڇا ڪئي وئي. اتر سنڌ ۾ روهڙي کان ريتي ۽ گڊو تائين ڏورن ڍنڍن جي سڃاڻ ميربحرن کان پڇا ڪئي وئي. باوجود انهيءَ ڪوشش جي، اڃان وڌيڪ پڇا جي ضرورت آهي ۽ ڪن ڳالهين بابت اڃان وڌيڪ تصديق جي ضرورت آهي جنهن کي اميد تہ ٻئي ڇاپي ۾ پورو ڪيو ويندو.

مڇيءَ بابت گهربل معلومات مهيا ڪرڻ ۾ جن مهربانن مدد ڪئي تن ۾ سڀ کان پهريائين هر پاڳي جي ڄاڻو ميربحرن مهاڻن جو شڪريو ۽ ٻيو هيٺين سڄڻن جو شڪريو، جن مهرباني ڪري جدا جدا جاين تي ڪچهرين جو انتظام ڪيو: جناب مفتي محمد رحيم صاحب، سائين ضياءُ الدين شاهہ، استاد محمد فاضل شيخ، بهرام خان ڪلهوڙو، سگهڙ عبدالرحمان مهيسر، محترم سڪندر مهيسر، فرزندم عليٰ محمد، انجنيئر محمد ابراهيم ڪاڪيپوٽو ۽ فرزندم محمد رفيق.

حيدرآباد سنڌ — خادم العلم

٢٢ جنوري ١٩٩٣ — نبي بخش



کرژو



تيري



سينگاري



مور



چرکو



مکر



لهژ



رزّو



پلو

# مڇي ۽ پاڻي

مڇيءَ جو گهر پاڻي آهي، ۽ اهو گهر وڏو ڪشادو آهي جنهن ۾ مڇي پنهنجي مرضي ۽ آزاديءَ سان پئي گهمي ڦري. باوجود انهيءَ جي مڇي ڪن حالتن ۾ مجبور آهي. سمنڊ بيشڪ تمام وڏو ۽ اونهو آهي ۽ ان جو پاڻي به اڻ کُٽ. انهيءَ لحاظ سان سمنڊ مڇيءَ جو وڏو پڪو محفوظ گهر لڳي ٿو، پر گرمين سردين سببان سمنڊ جو پاڻي به تپي ۽ ٺري ٿو ۽ پڻ سمنڊ جي اندروني وهڪرن ۾ ڦري گهري ٿو. انهيءَ ڪري وڏا مانگر مڇ توڙي مڇيون مختلف وقتن تي پنهنجا ماڳ مٽائين ٿا ۽ موسمي سانگ ڪن ٿا. جيئن اونهاري ۾ پلو سمنڊ مان مٿي درياءَ ۾ چڙهي ٿو. سمنڊ جي پيٽ ۾، درياءَ جي مڇي وڌيڪ مجبور ۽ ويچاري آهي. درياءَ بيشڪ وڏو ڏگهو آهي پر ساليانو پيو لهي ۽ چڙهي، ان جا ڍورا، واهڙ ۽ ڍنڍون به پيون هيٺ مٿي ٿين. انهيءَ ڪري مڇي سدائين ان فڪر ۾ آهي ته شال پاڻي نه کٽي! ڪن سگهڙن مڇيءَ تي ميار رکي چيو ته:

مڇي ڏوبي پاڻيءَ ۾، مڇي ڪِني ڪوه ؟

اتس ايءُ اندوهه، ته پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

يعني ته باوجود سدائين پاڻي ۾ رهڻ جي ۽ ڏوبڻ جي، مڇي

# وڏيون ۽ ننڍڙيون مڇيون

مڇين جي جدا جدا جنسن مان ڪي اهي آهن جيڪي وڌنديون تہ وڏيون ۽ ڳريون ٿينديون، ڪي ڏيگهہ ۽ تور ۾ وچٿريون، تہ ڪي وري صفا ننڍيون. ٿيري، ڪُرڙو، موراڪي، ڄرڪو، ڇٽري ۽ سينگاري مٺي پاڻيءَ جون وڏيون مڇيون آهن. ڇيلري ۾ ٿيرو ۽ ليئي ۾ ڄرڪو وڏي ۾ وڏا ٿين. جاڙو ميربحرن جي چوڻ موجب سيني ۾ ڳري ۾ ڳري مڇي ٿيري آهي، ۽ اها جي ڪجھ سال بيهي وڃي (سلامت رهي) تہ تور ۾ پين سيني کان ڳري ٿي ويندي. ان سلسلي ۾ پڇائيندي معلوم ٿيو تہ گذريل سيپٽمبر (١٩٩٢ع) ڌاري هاليجي ڍنڍ ۾ ٿيرو جهليائون جيڪو تور ۾ هڪ مڻ ۽ هڪ ڪِلو ٿيو. ڍنڍ جو ڄرڪو پاويهہ ڪِلو وزن جو ڏٺو ويو. دريائي ڄرڪو ڍنڍ واري کان وڏو ٿئي. ڏيگهہ ۾ سيني مڇين ۾ ڊگهي ۾ ڊگهو ڄرڪو آهي جيڪو ست فوٽ کن بہ ٿئي. گندڻ بہ ڏهہ ٻارنهن ڪِلو ٿئي ۽ ان جي ڪاندي پاسي وارا ڪنڊا فوٽ کن ٿيندا. ڄرڪي کان پوءِ ڊگهي ۾ ڊگهي ’ڇِٽري‘. وڏين مڇين مان وڏي ۾ وڏو ٽپ ڪرڙو ڏيندو. روهڙي ۽ گڊو جي وچ ۾ دريائي ڪرڙو ڏهہ فوٽ کن ٽپو ڏيندي ڏٺو ويو. ريتي طرف هڪ جاڙو خاطري

سان چيو تہ: اڍائي - ٽي ڪلو وارو زورآور ڏنيرو ١٥ فوٽ بہ ٽپو ڏيندو. موراڪو بہ ڪُرڙي جيترو ٽپو ڏيندو. چرڪو بہ وڏو ٽپ ڏيندو پر ڪرڙي کان گهٽ. اهڙيءَ طرح ٽيرو بہ وڏو ٽپ ڏيندو پر ڪُرڙي کان گهٽ. منڊو بہ ٻہ اڍائي فوٽ کن ٽپو ڏيندو.

ننڍڙين مڇين جون بہ ڪيترين ئي جنسون آهن، جن مان ڪي نهايت ملوڪ ۽ وڻندڙ آهن. پر اهي ننڍڙيون مڇيون آهن سڀ هيٺيون ۽ ويچاريون! پنهنجي جان بچائڻ کان سواءِ انهن جو ٻيو ڪو بچاءُ ڪونهي. ننڍڙين مڇين مان ڪن کي تہ اهو شرف حاصل آهي جو اهي انسان جو قُوت ٿين: پر اڪثر ننڍڙيون مڇيون وڏين مڇين جو ڳاهُ آهن، يعني کاڌو ۽ کاڄ آهن. ميربحر اُنهن کي ڳاهہ طور ڪُنڍين ۾ وجهن. ڊينڊَ، ڳانيرَ، مُريو، ديو، دَئي، لُهڙ، ٻُونهڻ ۽ ٻانهياري لاڙ جي ڍنڍن ۾ عام طرح ڳاهہ طور استعمال ٿين. بڪار جي ڍنڍن وارا مُنڊو، لُهڙَ، دَرو، ڊِيفَر، سانپا (وڏا ڏگها زميني ڪيئان) ٻاهران آڻي بہ مڇين جو ڳاهہ ڪن. لاڙڪاڻي طرف، ننڍڙا شاڪر، ساپا (سانپا)، اٽو ۽ هِڱ گڏي 'ڳاهہ' ڪن.

# مِني ۽ ڪاري جي مڇي

مڇي پاڻيءَ ۾ رهندڙ جاندار آهي، ۽ پاڻيءَ جي لحاظ سان ان جا ٻه قسم آهن: هڪ ”مِني جي مڇي“، يعَني مٺي پاڻيءَ جي مڇي جنهن ۾ درياءَ ۽ ان جي ڍورن، واهڙن، ڍنڍن ۽ تلائن جي مڇي اچي وڃي ٿي؛ ٻي ”ڪاري جي مڇي“ يعني سمنڊ جي ڪاري پاڻي جي مڇي جيڪا وڏي شاهي سمنڊ ۾ توڙي ڪناري وارين نارن، ڪاڏِين ۽ ڪاري جي دريائن ۾ ٿئي ٿي. سنڌ جي سامونڊي ساحل لڳ اهي ڪاري جا درياءَ ڪنهن وقت سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وارا واهڙ هئا. سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ مڇي ٿئي ۽ وڏي ويجهي، پر لُوٽاڻين ڍنڍن جي بيٺل لوٽاڻيي پاڻيءَ ۾ ڪانہ ٿئي. تر ۾ (خاص طرح ڏيپلي تعلقي ۾) لوٽاڻيي پاڻيءَ جا وڏا ”سَن“ موجود آهن، پر انهن ۾ مڇي ڪانہ ٿئي.

سجاول ۾، سڄاڻ سومار ميربحر چيو تہ سواءِ ڪن تورين جنسن جي، ڪاري جي مڇي مني ۾ وجهبي تہ مري ويندي، ڪن جي خيال ۾ ڪاري واري مڇي مني ۾ ڪانہ مرندي پر مِني جي مڇي ڪاري ۾ آئي تہ مرندي. جڏهن درياءَ چڙهي ٿو تہ گهڻي مڇي هيٺان سمنڊ مان چڙهي ٿي. سمنڊ مان جيڪي مڇيون مٿي مني ۾ چڙهن ٿيون تن بابت

شاهبندر ۾ ڪڇهري وارن ڇپيو تہ : پلئي، ڦاڙ، ڏانگري، چوڙي، ڏنديو، گولي، لوڄري، رنگڻ، چاهہ، ٻونڦاڙ، ڪگي (ننڍي ٿئي)، ڪگو (وڏو ٿئي) ۽ ڪلري ساٿا-اهي جنسون درياءَ ۾ چاڙهہ وقت مٿي چڙهنديون ۽ لاٽ ۾ (بدي جي مهيني ڏاري) سمنڊ ۾ موٽي وينديون. جڏهانڪر سِر نالا نڪتا تڏهانڪر اهي گهٽو مٿي چڙهيون، اڳ ڪين هيون. اهي جنسون آنِي منِي ۾ پرينديون ۽ ٻچا سمنڊ ۾ ڪنديون. بدين تعلقي ۾، وير چڙهڻ سان ڏانگري ۽ دوتر ٻئي سمنڊ مان پُراڻ جي ٻَنهوار ڍنڍ ۾ چڙهن ٿيون جُتان پوءِ ڍوري (هاڪڙي ڍوري) ۾ سِرَ جي پاڻيءَ مان مٿي اچن ٿيون.

سنڌ ۾ پلو ۽ مڇي بہ جدا جدا جنسون ڪري ليکجن. نسل جي لحاظ سان پلو بہ مڇي آهي پر سنڌ جي ريت رسم مطابق پَلي جو مانُ مٿي آهي. پلي کي ”ميوو“ ڪري ليکيائون، ۽ انهيءَ ڪري پلي کي ٻِي مڇيءَ کان جدا ڪيائون، چوندا تہ ”پَلو پلو آهي ۽ مڇي مڇي“. سنڌ جي شهرن ۾ ساٿين کان پلو وٺبو تہ نالو وٺي پڇبو تہ ”پلو اٿئي؟“ پر جي چئبو تہ ”مڇي اٿئي“ تہ مڇي ڏيکاريندا ۽ پلو ڪونہ ڏيکاريندا! صحيح سنڌي ٻوليءَ ۾ پلي کي ”پلو“ ئي چئبو ۽ ”پلو مڇي“ ڪونہ چئبو.

جيتوڻيڪ مڇيءَ جو گهر پاڻي آهي، پوءِ ڪارو هجي توڙي مِنو، پر مڇيءَ جون ڪي جنسون پاڻيءَ جي ڪن خاص ڀاڱن ۾ وڌيڪ رهن ۽ وڌن. مثلاً ڪي تاتگهي پاڻيءَ ۾ ڦرن، ڪي وچٽري پاڻي ۾ هلن، ڪي اونهي پاڻيءَ ۾ گهمن، ڪي وهندڙ پاڻيءَ جي تِک ۽ سِير ۾ هلن، ۽ ڪي وري پاسن پاڇَلن سان ماٺي ڍري پاڻيءَ ۾ ڦرن - پلو وڏي پاڻيءَ ۾ هلي ۽ اڪثر درياءَ جي سِيرَ وٺي اوڀارو چڙهي. ڪرڙو ۽ ٿيري به وڏي پاڻي ۾ هلن، پر ٿيري اڪثر هيٺ اونهين پاڻيءَ ۾ هلي.

## مٺي جي مڇي جا ٿي مکيہ قسم

مڇيءَ جا ٽي قسم جيڪي عام طور هرڪو ڏسڻ سان سڃاڻي سگهندو سي آهن ڇيلري، ليئي ۽ گانگٽ.

**ڇيلري يا ڇالي.** هر اها مڇي ڇيلري يا ڇالي سڏجي جيڪا ڇلرن واري آهي ۽ جنهن جي بت تي ڇلر ظاهر پڌرا آهن. لاڙ ۾ ڇيلري ۽ اتر سنڌ ۾ ڇالي سڏجي. ان مڇيءَ جون ٻيون وصفون هي آهن: درياءَ جي لڙيل پاڻي ۾ آنا ڇاڻي ۽ ان لڙيل پاڻي ۾ ئي ان جو ٻچو ڦُٽي. ان ۾ واڌ ٻين کان گهڻي آهي. اها زور ۾ وڏيڪ طاقت واري آهي. ڪُرڙو، ٿيري ۽ موراڪي ڇيلري مڇي جون اُتم جنسون آهن. ڇيلري يا ڇالي جي ڪانڊي پاسي کان سواءِ لائي پاسي ۾ بہ سنهون ڪنڊيو رهندو، پر ليئي ۾ اهو سنهو ڪنڊو بہ ڪونہ ٿيندو.

هيٺيون جنسون سڀ ڇيلري مڇي ۾ شامل آهن: يعني تہ انهن سيني تي ڇلر آهن. گندڻ ۽ گوج تي بہ ڇلر آهن پر انهن ٻنهي کي "ليئي يا مَلي" ۾ شمار ڪن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏنيري يا ڪرڙي. | موراڪي | سُٽي | ڇـــرُو |
| | ڏاهـــي | مئٽري | سـرِيـو. |
| ٿيري | پوپري | شاڪـر | سُريڙهو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مٺو | پلي | اوتيئڙو | ٿُڪر |
| ڳانير | پليئڙي | ڏُو | تيِڪڻ |
| ڏانر | ڄُوڄي | ڳُلو | ڏيفر |
| ڏيو | ٻَتي | مڪٽي | ڏَئي |
| وِهُرُ | ڪَوَڙو | ڪنھٽي | وونچي (وانچي) |

پَلي ۽ پليئڙي کي لاڙ ۾ ڪي ساڳي جنس ته ڪي ٻه جدا جنسون ڪري ڳڻين. اتر ۾ جنهن کي ڄُوڄي يا شُوشي سڏين سا گهٽو ڪري ساڳي پليئڙي آهي. مٿيون سب ڇيلري يا ڇالي مڇي جون اهي جنسون آهن جيڪي اصل کان وٺي سنڌ اندر درياءَ ۾ ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ هيون. هاڻي فارمي تلائن ۾ ٻاهران ٻيون مڇيون به آنديون ويون آهن ۽ ڪي سر-نالن ذريعي چڙهيون آهن. گلفام، ماهشير، گولي ۽ ڏَيو انهن ۾ شامل آهن. ڇيلري مڇي کي ”پڪي مڇي“ چئجي ٿو جو ان جو بت مٿان چلرن وارو ۽ پڪو آهي ۽ پڻ ان جو گوشت پڪو آهي. سنڌ ۾ ڇيلري مڇي جو مان آهي ۽ وڏيڪ ڪاڄي ٿي، پنجاب ۾ 'مَلي' مڇي جو مان آهي ۽ وڏيڪ ڪاڄي ٿي.*

**ليئي يا مَلِي**. هر اُها مڇي جنهن جو بت چمڙي وارو

---

* پنجاب ۾ هن وقت (۱۹۹۳ع) مَلي مڇي ٻڌي جي اگهه سان ٻارنهن سؤ روپيه في مڻ وڪامي ٿي.

لسو آهي ۽ جنهن تي ڇلر ناهن، يا جي آهن تہ بہ سنهڙا آهن؛ تنهن کي لاڙ ۾ "ليئي" ۽ اتر ۾ "مَلِي" سڏين. سينگاري، پوئڪِي يا ڄرڪي، رڙو ۽ ڪڳي ليئي ميءَ جون اتم جنسون آهن. هيٺيون جنسون سڀ ليئي يا ملي مڇي ۾ شامل آهن

| | |
|---|---|
| سينگاري | ڪنقاڙ |
| پوئڪي (ڄرڪو) | ڪَنگ، ڪَنگو |
| ڪڳي | بُونهڻ |
| گوج | ملير |
| گنڊٽي (ڦنڊٽي) | ڦڳن |
| ڦابٽي | آمِي |
| ڏُگٽي (ڏِگٽي) | ڪَلو (شينهڻ) |
| ڇلي (ڇَلوري) | پتوٽي |
| رِنجي | ڏِسِڻ |
| لُهڙ | ڦِيدَر |
| ڪڳِنير | |

ليئي مڇي "ڪَچي مڇي" سڏجي جو مٿان ان جو جسم نرم ۽ ڪچڙو آهي.

**گانگٽُ، سانو.** هي هڪ جدا جنس آهي: دريائي جنس کي گانگٽ سڏجي ۽ کاري جي جنس کي "سانو" جنهن

جا وري جدا جدا قسم آهن. سنڌيءَ ۾ ”گانگٽ ميڇي“ نالو آڳاٽو آهي. مڪتبي تعليم جي وڏي استاد، حڪيم ۽ اديب حاجي ڄام لغاري مرحوم* مڪتب ۾ شاگردن کي ”گ“ لکڻ جي مشق ڪرائڻ لاءِ هيٺين سٽ اندا يرڻ لاءِ لکي ڏيندو هو:

”گُرڙ پڪي، گانگٽ ميڇي، گوج وڏي گوبي“

مِٺي جي گانگٽ جا ٽي قسم آهن: هڪ چَمٽائي جنهن جي مُنهن جي ٻنهي پاسن کان چمٽي مثل ٻه ڪارا ڏگها سوُئا ٿين. ٻيو اَنياري، ۽ ٽيون ڪاٺيرُ جيڪو سنهڙو ڪارو ٿئي. گانگٽ جي پُٺيءَ تي هڪ ٻئي پويان هڏن مثل پڪا گول گول چلر ٿين. پيٽ هيٺان گانگٽ کي ڪنيرا آهن ۽ هو پنهنجي آني انهن ڪنيرن سان پنهنجي ڪوڙي ۾ جهلي ٿو. پلي کان پوءِ، کائڻ ۾ گانگٽ وڌيڪ لذيذ ۽ ڪُرڙي جو مَٽُ آهي. هن وقت سڀ کان وڌيڪ قيمتي ميڇي گانگٽ آهي، ۽ اَسي رپيا في ڪِلو کان گهٽ ناهي.

* تعلقي ساماري ۾ ڪنري کان ڏکڻ ”عليائي لغارين“ جي ڳوٺ جو هو.

# مڇيءَ جو ڪاڌو

مڇيءَ جا خاص ڪاڌا آهن واري، مٽي، گاهہ ۽ ننڍي مڇي. عام طور اها ڳالهہ مڃيل آهي تہ پلو واري ڪائي، باقي بي مڇي مِٽي، گاهہ ۽ ننڍي مڇي ڪائي. مڇين مان بہ ڪي مڇيون رڳو مٽي ۽ گاهہ ڪائين، پر مڇي ڪونہ ڪائين. ڪُرڙو، موراڪي، ٿيري، ڏاهي، سُٽي، سَرنهہ،مُرو، ڪَريلَ، درو، وِهرو، ڪٽو، ڇوڇي، مڪٽي اهي سڀ مِٽي ۽ گاهہ ڪائين، پر مڇي ۽ ماهہ ڪونہ ڪائين. ننڍو ٻچو تہ مِٽي ئي ڪائيندو ڇاڪاڻ جو گاهہ ڪائي نہ سگهندو. مِٽي بہ جيڪا چيڪي ۽ مٽي هوندي سا ڪائين باقي ڪڙي ڪلراٺي مِٽي ڪين ڪائين. درياءَ ۾ ۽ وهندڙ واهن واهڙن ۾ مڇي اڪثر مٽي ڪائي.

وهندڙ ۽ لُڙ پاڻي واري چيڪي مِٽي مڇي کي وڌيڪ وڻي ۽ ان تي اها وڌيڪ واڌ ڪري. انهيءَ ڪري ئي درياءَ ۽ واهڙن واري مڇي ڏندن جي مڇيءَ کان وڌيڪ وڏي، سفيد ۽ سُرهي آهي. ڍنڍن ۽ تلائن واري مِٽي جيترو گهٽ مِٽي يا وڌيڪ ڪاري هوندي اوترو ئي انهن ۾ مڇي گهٽ ٿيندي. سخت ڪاري بيٺل پاڻي ۾ مڇي ٿيندي ئي ڪانہ. مثلاً ٿر ۾ ڏيپلي تعلقي جي ڪارڻ "سَنَ" ۾ توڙي سند ۾

ٻين جاين تي سخت ڪاري سم واري ٻيٺل پاڻي ۾ مڇي ڪانہ ٿئي.

مڇيءَ جو ڪاڌو ڳاهہ آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو، پر مڇيءَ جون ڪي جنسون گوشت خور آهن ۽ اهي ٻين مڇين توڙي ٻئي ماهہ (ماس) کي کائين. مثلاً **ڄرڪو، گندڻ، مُنڊي، سينگاري، مُنڊو، شاڪر، رڙو، ڪڳو، لُهڙ، ٻُونهَڻ، ڪَنگڻ، ڏاٽر، رِنجي ۽ پوپري** ٻي مڇي توڙي ماهہ کائين. ڄَرڪو، سينگاري، شاڪُر ۽ گندڻ پنهنجا ٻچا بہ کائين. رڙو، ڄرڪو ۽ مُنڊو مثل ماهہ کي بہ ڇُهڻندا ۽ چڪيندا. پوپري گهٽو ڪري ٻين مڇين جي ماريل ۽ ڪري پيل مڇي کي کائيندي، پر البت **گوگي** (سنهڙي ڏگهڙي ڪوڏڙي) کي پوپري پاڻ بہ کائيندي.

نندڙيون ۽ ڪي وڏيرڙيون مڇيون جيڪي مڇيءَ جو "ڳاهہ" (ڪاڌو) آهن تن ۾ هيٺيون شامل آهن : **ڏينڊ، ڳانير، مُريو، ڏٿو، ڏِئي، ڪوڙو، وانچي، مَڪٽي**. انهن کي مٿيون ماهہ کائيندڙ مڇيون جهلين ۽ کائين، ۽ پڻ مڇي مارينڌڙ انهن کي "مڇيءَ جي ڳاهہ" طور ڪُنڍين ۾ وجهن. **لُهڙ، ڏنڊي، ٻوئهڻ، ٻانهياري** ۽ ننڍي پوپري کي بہ مڇيءَ وارا ڳاهہ طور ڪُنڍين ۾ وجهن. ڄرڪي ۽ مُنڊي انهن ٻنهي جو گذر ئي جڻ ٻي مڇيءَ تي آهي، ۽ اهي

ٻئي تلائن ۾ ٻج ڪنائڻ وارا آهن. ڄرڪو، مڪر، شاڪَر، اهي ٽيئي پنهنجن ٻچن کي ٻه ڪائن. سڀ ۾ وڏو ڪائو ڄَرڪو آهي، جنهن ڪري اهو عام اصطلاح ۾ ”ڪائُو“ بدران اڃان به ”آئُو“ سڏجي. دانَر، ٻُونهٽي، ڪڳو، ڳانير. ۽ لُهڙ وڏيرڙيون مڇيون آهن پر ڄرڪو انهن کي به جهلي ۽ ڪائي. ڄرڪو ٻلائون به ڪائي وڃي. ڄرڪن جي پيٽ مان ٻلائون تڪتيون جيڪي ماڻهن ڏٺيون.

## گاھه جيڪي مڇي ڪائي ٿي

ڪي گاھه آهن ۽ ڪي ٻُوڙا آهن جيڪي مڇي ڪائي ٿي: ائين پڻ چئبو ته ”مڇي چَري ٿي.“ ڪن گاهن ۽ ٻوڙن کي چتي ٿي : يعني پاڻيءَ ۾ ٻڌل هجڻ سببان انهن جي مٿان جيڪا لِوَ لڳي ٿي تنهن کي چَٽِي ٿي. ڏنيرو، ٽيري، موراکي ٽيئي گاھه وات پري ڪائين. درياءَ يا واهن واهڙن جي پر ۾ توڙي ڍنڍن ۾ ڪي ساڳيا ته ڪي (مقامي طور زمين ۽ پاڻيءَ جي لحاظ سان) جدا جدا گاھه ٻُوڙا ٿين ٿا. جيڪي به گاھه ٻوڙا جتي هوندا اتي انهن مان ڪن کي مڇي وڏيڪ چاھه سان چَرندي. مثال طور هيٺ جدا جدا ڀاڱن جي ڍنڍن جا اهي گاھه جيڪي مڇي ڪائي ٿي، سي ڏجن ٿا. انهن گاهن ٻوڙن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي هيٺان

تري مان اُيرن تا پر پاڻيءَ جي سطح کان مٿي ڪين تا نڪرن. اهي پاڻيءَ ۾ اندر ئي وڌن تا ۽ پکڙن تا. اهڙن گاهن کي ”جهنگ“ چئبو.

**منچر** جي ڍنڍ ۾ هيٺيان گاهه ۽ ٻوٽا مڇي وڌيڪ کائي ٿي. پهريون نمبر سنو گاهه **مائو**. اهو ”جهنگ“ آهي، سنهڙا پنڙا ۽ گجرن جي پلي‌ءَ مثل، پر وڌيڪ ڳُوڙهو ۽ ڳُتيل، مڇي کي گهٽو وٽي ۽ وات ڀري کائيندي. جيئن ته اهو گاهه مڇي ڏئو ڪري گهٽو ٿي کائي، انهيءَ ڪري کائيندي ته اتي ٻوري به ڇنڊيندي (ڇيٽو لاهيندي). منچر ۾ اندر ڪو سير يا شڪار لاءِ ويندو ته ان کي ”مائي“ مٿان ڦڪيرڙي رنگ تي مڇيءَ جو ڇيٽو پکڙيل نظر ايندو.

– **پَهو،** جنهن کي لاڙ جي ڍنڍن ۾ ”پَهي“ به چون ۽ ”ڪچو“ به چون، ان ۾ اَن جهڙا داڻا ٿين.

– **سنياري،** جهنگ آهي ۽ پاڻي ۾ اُسري ۽ ايري. لاڙ جي ڍنڍن ۾ سِينئوري سڏجي، ۽ سانگهڙ طرف بڪار جي ڍنڍن ۾ سينهوڙي.

– **پَٽَرُ**، ويڪرو ۽ لسو، گهٽو ڪري ”جهنگ“، هيٺ پاڻي ۾ ٿئي پر ٻاهر به نڪري ٿو.

– **پُرٽو**، جنهن کي پُرڙُ به چون، سنهڙين سيوِين جهڙو.

– **سُوندر،** اندر پاڻي ۾ ٿئي، جهنگ آهي.

- **ٻَڍوڪو،** ٻڍروڪو، جهنگ آهي هيٺ پاڻيءَ ۾ ٿئي، ڏانڊين ۽ چوٽين ۾ ڄَمون جي پنن جهڙا پر ڳاڙهيرا پن.

-**ٻَلوٽِڙي،** سنهڙيون ڏانڊڙيون ۽ چوٽڙيءَ ۾ هڪ گول سائو پن جيڪو مٿان پاڻيءَ جي سطح تي پيو ترندو.

- **ڪَل،** ڪِهڙ، ڏِير (وڏو ٻوڙو) ۽ پَن (وڏو ٻوڙو) انهن مان ڪَلَ جو اَنُ جيڪو پچي ڪرندو سو ڪائيندي. پَن جو ڪچو ٻچو يا گوش چوسيندي، ۽ پَن پنجي پُري ويندي تہ بہ ڪائيندي. پر اڪثر اهي گاهہ ۽ٻوڙا پهريائين پٽي ڦٽي ڪندي ۽ پن ڏينهن ڪن ڪان پوءِ جڏهن ڪُنڙا ٿيندا تڏهن ڪائيندي. ڏير ڪي خاص طرح ڪرڙو ۽ ٻي ڇيلري مڇي ڪائي.

سونَهِري-ڪينجهر* ۽ ٻين لاڳو ڍنڍن (هاليجي، هَڏيرو ۽ ڪُوهي) ۾ بہ مائو، پَهي، پَٽر، پُرڙ، پَن ۽ ڏِير ٿين. ٻين گاهن مان ٽوپ، ڪارانڊو (ڪارانڊو ۽ ڪارونڊو ساڳي ڳالهہ) ۽ ڪماليٽ ٿين. ٽوپ پاڻي ڪان مٿي بہ نڪرندو باقي ڪارانڊو جهنگ آهي، يعني پاڻيءَ هيٺان هوندو. ڪارانڊو جڏهن ڪچو تڏهن نرم، پر پڪو تہ ڪرڙيندو. ڪماليٽ (جنهن جا پن 'ڪماليٽ' وڪر جهڙا) ڪوٽڙي بئراج ڪان پوءِ ڍنڍن پرجڻ بعد ٿيو آهي.

سجاول، شاهبندر ۽ جاتي تعلقن جي ڍنڍن ۾ ٻيا

هينيان گاهہ ميچي جو خاص کاڄ آهن. لُئي جيڪو جهنگ آهي ۽ هيٺ پاڻي ۾ ٿئي. لُوهاندبرو، قوت ڪن ڏگهو اتدر پاڻي ۾ ٿئي ۽ جهنگ آهي. ان کان سواءِ مِٺال ڪُوِٽي جي پني، ڪَڙال ڪُوِٽي جو ڪُمہ، تنهن جو داڻو. پيڻ، ٻِڏ (جا داٿا)، ناڙو (ول) ۽ لئي جو ڳاڙهو ٻُور جيڪو پاڻي ۾ ڪِري- اهي سڀ ميچي کائي. ماڄَر (سڃاول ۽ شاهبندر جي وچين ايراضي) جي ڍنڍن ۾ "پَن" چيلري ميچيءَ جو پهريون نمبر کاڌو آهي.

بدين طرف، هاڪڙي ڍوري ۾ ۽ پُراڻ جي ڍنڍ پَتوَهارِ ۾ لُنئي گاهہ، ڪچي ڪَل، ڪچي ڏير، توپ ۽ ڪچو ناڙو مکيہ گاهہ آهن جيڪي ميچي کائي.

سانگهڙ ڏي، ناري جي اوپر طرف بَکار جي ڍنڍن ۾، وڏي پاڻي جا گاهہ سينهوڙي، پِيو (پهو)، پَنَڙِ ۽ توپ ُ ساڳيا اهي جيڪي مٿي بيان ٿي چڪا آهن. توپ کي ڪُرڙو گهٽو چري. انهن گاهن کان سواءِ پَن، پَيِڻ، مِنال – ڪُوٽي، ڪَڙال- ڪوٽي (جنهن ۾ ڪُمہ ۽ ناپو ۽ پاڙ مان موٺ) بہ ساڳيا آهن جن جو ذڪر مٿي اڄي چڪو آهي. البت مٺال – ڪوٽي کي اتي مير بحر گُرٻني چون ۽ ڪڙال ڪوٽي کي ڪوٽيسَر. ٻيا هينيان گاهہ ۽ وليون بکار جي ڍنڍن ۾ وڏيڪ ٿين جيڪي ميچي کائي ٿي.

**ڪَنڊرُ** : تري مان اپرندو ۽ جھنگ آھي، پن سنھڙا، ڏار ڪڍي ٿو.

- **لوٺي** : ھي بہ پاڻي اندر جو گاھہ (جھنگ) آھي ۽ منجھس سنھو ڪنڊو ٿئي.

- **ڪاراھو** : آسَرِي لَئي جھڙا پن ۽ لوٺي جھڙو ڪنڊو.

لاڙڪاڻي طرف قنبر ۽ وارھہ جي ڍنڍن ۾ ڳَراھو (ڪاراھو)، سينھوري (سينھوڙي)، پَٽ، ٽوپ ۽ ڪل ڪان سواءِ سينَورو ۽ ڏانتي گاھہ ٿين،انھن ڪانسواءِ پن، ڏير، ناڙو ۽ پاڻيءَ جي ڪپ لڳ ڳنڌير ۽ ڇبر جن کي مڇي کائي. تلائن ۾ لئي جون ڪاٺيون جن ۾ مڇي لڪي ۽ پڻ انھن ڪاٺين تي لڳل "لِو" کي کائي. گمبٽ، ڪنڊياري تعلقي واري دريائي ڀاڱي ۾ گھانڊڻ، گاھہ جيڪو مڇي کائي.

اتر ۾ روھڙي ۽ ريتي جي وچ ۾ درياءَ جي ٻنھي پاسي ڍنڍن ڍورن ۾ ڪي مٿيان ساڳيا گاھہ ۽ ٻوڙا ٿين جيڪي مڇي کائي جيئن تہ ڪارانڊو، پٽري (پٽ، پٽر)، پرٽو، ٻدروڪو، ڪَل، پن يا پني جي لُرِي (سِٽي جي ٻوري) ، نڙ ۽ ناڙو. انھن کان سواءِ ڪي ٻيا گاھہ اُتي وڏيڪ ٿين، جيڪي مڇي کائي تي جيئن تہ :

- **ٻُوبَڪ**، جنھن کي ڇالي مڇي وڏيڪ کائي.

- **سيينواري**، جنھنجو ٻورو ۽ ڏاٿو کائي (ڏاٿو آڙي پڪي بہ

گهٽو ڪائي).

- **ڪِرسو،** جهنگ آهي پاٽي اندر ٿئي: پوهہ (جنوري) کان شروع ٿيندو ۽ چيٽ (مئي) ۾ ختم ٿي ويندو.

- **ڪجي** گاهہ

- **ڪَنديلو**

- **سَرُوٽو**

- **ڏانوُرو، ڪَاڙُورو** ، متان جوئر وانگر داڻا ۽ پاتر ۾ ڳنڍ. انهن کان سواءِ پَنِي جي لُرِي (سِنّي جي ٻُوري) ڪي بہ مڇي ڪائي.

انهن گاهن کان الگ سيني ڏندين ۾ هڪ ٻيو مڇيءَ جو ڪاڌو آهي **ڪِپَڙ، گَنبُڙ، گُبُ يا پيانچو.** جڏهن لُڙيل پاڻي ٻاهران وهي اچي ڪاري يا بيٺل پاڻي ۾ پوي ٿو تہ جُهڳ، مٽي، چارو ۽ سينوار ملن ٿا ۽ انهن مان ڪپهہ جي پوٽين جي مثل ڪِپڙ يا گُب بنجي ٿو، جيڪو سينوار نسبان سائي رنگ تي ٿئي.ان کي مڇي چَٽي ڪائي ٿي.

# مڇيءَ جو بُت ۽ عضوا

مڇيءَ جي بُت جي بناوت ڏولائتي ۽ پاڻيءَ ۾ رهڻ هلڻ لاءِ ڪارائتي آهي. غور ڪيو ته جسم ۾ متي، پانهن ۽ ٽنگن واري سٽاءَ، ماڻهو توڙي مڇي ۽ پکيءَ جي ساڳي آهي، مڇيءَ جي سِسي ماڻهوءَ جي سر مثال آهي، سِسي سان لاڳو مٿيان ٻه پکرا مڇيءَ جون ٻانهون آهن، ۽ پڇ طرف هيٺيان ٻه پکرا مڇيءَ جون ٽنگون. مٿيون ڪرنگهي وارو پاسو پُٺارو ۽ هيٺيون پاڳو پيٽارو آهي. مڇيءَ جي جسم جا ٻاهريان ۽ اندر وارا عضوا جدا جدا ڪري ڳڻجن ته هيٺينءَ طرح ٿيندا.

(الف) مڇيءَ جي جسم جا ٻاهريان عضوا

سِسي يا منڍي: ان ۾ هيٺيان عضوا آهن: وات (ڪن جو ننڍو ڪن جو وڏو، جتهن ۾ سنهڙا ڏندڙا)، اکيون (سدائين کليل)، اکين جي مٿيان مغز ۽ اکين جي وچان نڪ (جنهن ۾ ٻه سوراخ)، مٿين پکرن لڳ پاسن سان ڪنن جا ٻه سُوراخ، ۽ ڳِراچ، يعني وات ۽ اکين کان اڳتي ڳچي.

ڪَاڪَڙ- ڪَنارَ يا ڪَنهَڙ: ٻه گولاوان ڏَڪ جيڪي اندر ڪَ ڀ جي حفاظت ڪن ٿا ۽ پڻ وچٽي وانگر کلين کي جو ين ٿا جنهن سان مڇيءَ کي ساهه کڻڻ ۾ سولائي ٿئي.

**پکرا، کنيرا، ڪِرنپ يا ڪِرنيرا:** هر چيلري يا چالي مڇيءَ کي ڇهہ کنيرا ۽ ستون پڇ آهي، جيڪي هوءَ هڪَ جاءِ بيهڻ، اڳتي پوئتي تيڻ، هلڻ، تکي پچڻ ۽ ٽپ ڏيڻ ۾ ڪم آئي ٿي. اهي مڇيءَ جا نهايت ئي ڪارائتا عضوا آهن. ٻہ پکرا آڏو ڪلهي يا ڪڇن وارا جيڪي وڏيرڙا ۽ وڏيڪ مضبوط آهن، تن کي "ڪَرَم" چئجي. اهي ٻہ ڪُرم هلڻ ۽ پچڻ کان سواءِ مڇيءَ کي هڪ جاءِ بيهڻ ۾ بہ مدد ڪن ٿا. ڏسبو تہ جڏهن مڇي بيٺي هوندي تہ ڪَرم پئي هٽندي (چورپندي). ٻيا ٻہ پکرا (پڇ واري طرف) هيٺيان پيٽ وارا، جيڪي ڇڻ ٽنگون آهن. ٻہ ڪَرم ۽ ٻہ پويان پکرا، اهي چارئي ڇڻ مڇيءَ جون اوليون ٻہ (Oars) آهن جن سان اڳتي پوئتي چري ٿي ۽ پڻ پڇي دوڙي ٿي. پنجون پکرو هيٺيان دن وٽان آهي، ڇهون مٿان پٺيءَ يا ٿڌيءَ يا ڪونهٽ وارو جيڪو ڪنڊي مٿل ڏاندي سان جڪڙيل آهي. چيلري يا چالي مڇي ۽ ان پر ۾ چوٽيءَ تائين هڏائون ڪنڊو ٽيندو، پر ليئي يا ملي ۾ رڳو ٻُڻ ۾ ٿورو ڪنڊو هوندو. مڇي جو اهو ڪنڊي وارو پکرو ڇڻ ٻيڙيءَ جي ڪُوهي ۽ ان ۾ لڱل سِڙهہ مثال آهي. جڏهن مڇي بيٺي هوندي يا بيدبي بيخيالي تي پئي گهمندي ٽلندي تہ اهو پکرو پُٺيءَ تي (پڇ واري طرف) لاڙي ڍاري ڇڏيندي. ٻہ وڏا پکرا هٽندي باقي ٻين

تي جَهلڪو ڪندي، پر جڏهن سجاڳ تي هلندي تہ پنيءَ وارو پکرو يڪدم ڪُوهي مثل ڪٽي متي سڌو ڪندي ۽ پڻ ان کي تيزي چڏيندي جو جڻ سڙهہ تي پوندو. اهو پنيءَ وارو پکرو جڻ ايريَل (Aerial) يا اينٽينا (Antena) آهي جنهن جي ذريعي ميي پري پري جا آواز ٻڌي تي ۽ اشارا سمجهي تي. ان کان سواءِ پنيءَ وارو پکرو ميءَ کي پنهنجي اُتل، جهلڻ ۽ سڌي هلڻ ۾ بہ واهر ڪري ٿو.

**پچڙي ۽ پُچ:** پچڙي پچ کان ٿورو متي وارو ياڱو آهي. پلي جو پچ توڙي چيلري ميءَ جو پچ چوتيءَ ۾ چيرائون بہ ڦاڪو ڪُنڊائتو ۽ سهٽو آهي، پچ ميءَ جو وڏو ڪارگر ۽ مضبوط عضوو آهي، ۽ گهڻا ڪم ڏئي ٿو. ميءَ جو سڄو زور ۽ طاقت جڻ پچ ۾ آهي. جي ميي پيڙي آهي تہ پچ سُڪاڻ آهي جيڪو ان کي هر طرف تڪڙي مڙڻ ۾ مدد ڪري ٿو. تڪڙي مڙڻ کان سواءِ پچ تکي هلڻ توڙي ٽپ ڏيڻ ۾ زور پرائي ٿو. ميي جڏهن تڪو ايندي تہ پچ وڃائيندي ايندي. ٽپو ڏيٽو هوندس تہ جڻ پچ تي بيهي ٽپو ڏيندي، جو ٽپي واري آخري اُچل پچ جي زور تي ٿيندي.

**پيٽ:** منڍي ۽ پچڙي جي وچ وارو هينيون پاسو.

**ڏُن:** پيٽ ۾ هينيان هڪ سوراخ آهي جنهن مان ميي ٻوري يا مِتي هاري (ڇيٽو لاهي) توڙي آني ڇاٽي.

**مِيرِي:** سڄي پيٽاري هيٺيان ويندي پيچ تائين سنهڙن ڪنيرن واري جهالر، جيڪا خاص طرح چرڪي ۽ گندڻ ۾ وڏيڪ ويڪري ۽ چٽي پڌري آهي. ٻين سيني مڇين کي ميرِي رڳو هيٺيان ٿيندي، پر ”مُنڊي“ مڇي کي هيٺان توڙي مٿان ٿيندي.

**چمڙي، کَل:** ڇيلري مڇي جي چمڙي تي ڇلر ٿيندا، ڪن جا وڏيرڙا ۽ ڪن جا ننڍا سنهڙا. ”ليئي“ مڇي جو بت لسو ٿئي ٿو ۽ ڇلر ڪين ٿين ۽ جي ڪن کي آهن ته به تمام سنهڙا آهن.

(ب) مڇي جي جسم جا اندريان عضوا:

**ڪَليون:** ڪَناڪڙن يا ڪنهڙن جي هيٺان ٻنهي پاسي ڪليون آهن جيڪي پاڻيءَ مان آڪسين (ساهہ وارو واءُ) ڇڪڻ ۽ ساهہ کڻڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. اهي کاڌي چباڙڻ ۾ بہ مدد ڪن. ڪن جنسن ۾ اتي ڏند بہ ٿيندا آهن.

**هِيانءُ يا دِل:** مڇيءَ جي دل ان جي هِڪِيءَ (نڙيءَ) ۾ آهي.

**پورِي:** هِي مڇيءَ جي آندرن واري چربي پريل ٿيلهي (اوجهري) آهي. رڳو ڇيلري مڇي ۾ ٿيندي.

**جورِي يا جونٽرو يا جيرو:** پوريءَ جي ٻاهران پاسي

سان لڳل. ڇيلڙي يا ڇالي جو جيرو ننڍو ۽ ليئي يا مَلي جو جيرو وڏو ٿئي.

ڀِتو: اهو بہ ڀوري سان لاڳو ٻاهران بيٺل. پتو مڇيءَ جي هاضمي جي صحت برقرار رکي ٿو.

گجُي: اها لِيئي يا ملي مڇي ۾ ٿيندي جيڪا ٻي مڇي کي کائي ٿي. انهيءَ ڪري ”ڇيلڙي“ جي گهٽين جنسن ۾ ڪانهي، پر ”ليئي“ ۾ آهي. گُجي خاص طرح جَرڪي، مُنڍي، رَڙي، ڪڳي، گندڻ، ڏِگٽي، سينگاري ۽ گِرَم ۾ ٿئي. جاٺو مهاڻن جي چوڻ موجب اِهي مڇيون اڻ جي توهي وانگر گجيءَ ۾ ڪاڏو بچائي رکن ٿيون.

ڦوٽو. پَلي جو ڦوٽو ذرا ناسي رنگ تي آهي، پر مڇيءَ جو ڦوٽو اڇو ٿئي، پَلي جو ڦوٽو مڇيءَ جي ڦوٽي کان جدا قسم جو آهي ۽ پڻ لذيذ آهي ۽ ڪائجي ٿو. ڪيري پلي ۾ آني ڪانهي ۽ رڳو ڦوٽو آهي. پلي جي ڦوٽي سان لاڳو، معدي جو هڪ ڏگهيرڙو تڪر بہ ٿئي جنهن کي ’آنٽِ‘ چئجي. پَلي کان سواءِ پَلِي نالي مڇيءَ ۾ بہ اهڙو ڦوٽو ٿئي. مڇيءَ جو ڦوٽو ڦَٽر وارو ڪم ڏئي ٿو: جڻ هڪ واءَ ڀريل ڏگهڙي ڳوٿري آهي، ۽ اهو واءُ جڻ مڇيءَ جو ساهہ وارو واءُ آهي جنهن مان مڇي ساهہ کڻي ٿي ۽ جيئري رهي ٿي. چوندا تہ: مڇيءَ جو ساهہ ڦوٽي ۾ آهي، ۽ جي ڦوٽو ڦِٽو تہ مڇي بہ

مئي. ميڇي جو ساهہ کڻڻ وارو سلسلو بهرحال ڦوٽي سان لاڳو آهي. ميڇيءَ جي ڪنهن جنس جو ڦوٽو وڏو تہ ڪنهن جو ننڍو. گوج ۽ لُهڙ کي سِسيءَ کان ونئي پڇ تائين هڪ يڪو ڊگهو ڦوٽو ٿئي. وڏي ۾ وڏو ڦوٽو ٽيري جو، ۽ پوءِ ڪُرڙي جو آهي. پَلي جو ڦوٽو ننڍو آهي. عام خيال موجب ڦوٽو ميڇيءَ جي هر جنس ۾ ٿئي، جيتوڻيڪ ڇيلري جو وڏو ۽ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، ۽ ليئي ۾ رڳو اڇي پردي جهڙو. ڇيلري ۾، مُکر ۽ شاکر کي ٻن ڀاڱن وارو ٻٽو ناهي پر هڪ ئي ڦوٽو آهي. ڇيلري واري ٻٽي ڦوٽي مان هڪ وڏو گول آهي ۽ ٻيو ننڍو چنهنبياري آهي.

بول. آنڊرا، ٻوري، پتو وغيره جيڪي ڪڍي ڇڏجن.

ميڇيءَ جا متيان عضوا ان جي بت ۾ سدائين موجود آهن. انهن کان سواءِ ماهي (مادي) ۾ مُنڊائتي "آني" (آنن جي ڳوٿري) ٿئي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو. ميڇيءَ جو ماهہ (گوشت) ننڍين وڏين هڏين ۽ ڪنڊن سان واٺيل ۽ جَڙيل آهي. پَلي جو جسم سنهڙن توڙي ٿلهيرڙن ڪنڊن سان ڳتيل ٿئي جنهن ڪري ان ۾ وڏي طاقت آهي جو درياءَ جي سير سامهون هلي ٿو. ميڇيءَ جي مختلف جنسن ۾ وڏي ڪنڊن جي موجودگي ۽ بيهڪ جدا جدا نمونن سان آهي. ڇيلري (ڇلرن واري) ميڇي کي پٺيءَ وارو

ڪندو ڪونہ ٿئي، پر ليئي جي گهٽو ڪري سيني جنسن
کي ٿئي سواءِ "ڪنگ" جي جنهن کي ڪندو ڪونہ ٿئي.
ڄرڪي ۽ لهڙ کي بہ ڪندا آهن. سينگاري، ڪڳي، رڙي ۽
رِنجِي کي ٽي ڪندا آهن، بہ وڏا پرن ساڻ ۽ هڪ پٺيءَ تي،
گوج کي دن وٽ بہ ڪندا پر پٺيءَ تي قطار پڪا ڪندا.
ٻُونهڻ ننڍي کي هڪ ڪندو هيٺان پيچ واري طرف، باقي
وڏيءَ کي پٺيءَ تي گهٽا ڪندا آهن جيڪي سؤ کن تائين
ٿيندا. مڇيءَ جي پٺيءَ کان هيٺ ان جي ٻن پاسن مان هڪ
کي (جنهن ۾ گهٽا ڪندا آهن) "ڪاندو" پاسو ۽ ٻئي کي
(جنهن ۾ ڪندا ناهن يا ڪي ٿورا آهن) "لائو" يا "ماهو"
پاسو سڏجي. مڇيءَ جي ماهہ جي وڍيل ٽڪرن کي "پيرا"
چئجي.

# مڇي جو پيدا ٿيڻ : نر - ماد، آنا ۽ ٻچا

مڇي اصل ڪيئن پيدا ٿي؟ ۽ ڪٿي پيدا ٿي؟. سنڌ جي ميربحرن جي قديم روايت موجب مٽي جي مڇي، مينهن ۽ مٽي جي پيدائش آهي: يعني تہ مينهن پوڻ تي پاڻي، مِٽي، رائِي ۽ واريءَ مان پيدا ٿئي ٿي. ان روايت جي تصديق اها جو هيٺ زمين تي درياءَ جي وهندڙ پاڻي توڙي ڍنڍن يا سمنڊ جي بيٺل پاڻيءَ کان الڳ، مٽي وڏن جبلن جي چشمن ۽ واهين جي برساتي پاڻي ۾ پڻ مڇي موجود آهي. اها ضرور برسات ۽ رائي (پٿرن جي واري) مان پيدا ٿي هوندي، ١١- نومبر ١٩٩٢ع تي سجاول ۾ مڇيءَ بابت ڄاڻو ميربحرن سان وڏي ڪچهري ٿي جنهن ۾ محمد يوسف چيو تہ : برسات جي پاڻيءَ ۾ اسان ڍينڍڙَ ڏٺا جن تي ڳاڙهيرا ليڪا هئا. وڏي عمر جي وڏي سڄاڻ سومار چيو تہ: درياءَ جو پاڻي جتي ڪرندو مڇي اتي ٿيندي، ٻيءَ جاءِ تي نہ ٿيندي؛ جتي لڙُ پاڻي ايندو هوندو اتي ئي مڇي سِرجندي، باقي ڍنڍن يا ٻئي بيٺل پاڻي ۾ مڇي پيدا نہ ٿيندي. ماهي (مادي مڇي) جيئن ئي وهندڙ پاڻي ۾ آني هاريندي تہ پاڻي ۾ ڪرڻ ساڻ آنن ۾ ساهہ پئجي ويندو. گندٽي بيٺل پاڻي ۾ آني ڇنڊيندي تہ بہ ٻچا ٿيندا. مُنڍي

ٻه ڪاري پاڻي (ڏنڊ واري) ۾ ٻچا ڪري ٿي، باقي ٻي مڇي جا آنا بيٺل پاڻي ۾ ڪين ڦٽندا.

آنن مان ڦٽل مڇي ٻن ٽن انچن ڪان وٺي هڪ فوٽ تائين هوندي جو دريائي پاڻي مان ڍنڍن ڍورن ۽ ڇڇن ۾ ايندي، ۽ پوءِ اتي وڏي ٿيندي. درياءَ وارو لٽيل پاڻي، يا موسمي برساتن جو پاڻي مٿيءَ سان لُٽجي ڍنڍن ۾ پوندو تڏهن مڇي ٿيندي. سومار چيو ته : برسات نه پوندي يا ٿوري پوندي ته ڍنڍن ۾ ماهي (مادي مڇي) جي پيٽ ۾ آنِي سڄي يا اڌ ڪُوڙي ٿي ويندي. برسات گهٽي پوندي ته مڇي گهٽي ٿيندي. سمنڊ ۾ ٻه برسات پوڻ تي ئي مڇي لڳ ڪري ٿي ۽ وڏي ٿي. جي دريائن جو لُٽيل پاڻي سمنڊ ۾ نه پوي يا جي سمنڊ ۾ برسات نه پوي ته اتي ٻه مڇي نه ٿئي. اها ڳالهه ڪڇهري ۾ سيني قبولي ۽ اڪين ڏٺي شاهدي ڏني ته برسات ۾ برابر مڇي خوش ٿئي ٿي ۽ خوشيءَ مان ڪُڏي ٽپي ٿي.

ٻين جاندارن وانگر مڇيءَ جي هر جنس ۾ نر- ماد ٿين، پر سواءِ ڪن ٿورين جنسن جي ٻين مڇين جا نر- ماد ڏسڻ سان سڃاڻي نٿا سگهجن. عام طرح مادي آنِي جي ڪري سُڃاپندي جو ان جو پيٽ نر ڪان وڏيڪ پريل هوندو. پَلي جي نر ۽ مادي جي سڃاڻپ عام طور معلوم

آهي، جو "ڪِيرو" ٻلو (جنهن جي پيٽ ۾ آنِي ڪانهي) سو نر آهي ۽ "آنِيارو" (آنيءَ وارو) مادي. پر اها سڃاڻپ "آني" جي هئڻ يا نه هئڻ جي لحاظ سان آهي. ٻين جاندارن جي برعڪس، مڇين ۾ "نر"ذرا نَنڍو يا سنهو سڪل ٿئي ۽ "مادي" وڏي ٿلهي ٿئي. نر جا مڏيءَ وارا ڪِرنيرا سخت ۽ کهرا هوندا ۽ مادي جا لسا ۽ نرم. پاڙ کان هٿ لائبو ته ائين معلوم ٿيندو. نر ڄرڪي جا ذري گهٽ ڏانئي جهڙا ٽڪا. ڇٽرو، شاڪر ۽ منڊو (مڪر) اتهن ٿنهي جا پيٽ وارا ڪنيرا نر جا ڪارا ۽ مادي جا اڇا ٿين. انهن اهڃاڻن سان، توڙي رنگ ۽ ڊول جي ڪن ٽاڻن سان، مڇي جي ڪن جنسن جا نر ماد سڃاڻن ٿا. مثلاً ڍنڍن ۾ سينگاري جي مادي ڪاريڙي ۽ نر ڳاڙهيرڙو ٿئي. درياءَ ۾ سينگاري مادي تي لِو چڙهيل هوندي ۽ اڇائيندي. سينگاريِ جي نر کي سَنو ۽ ڄرڪِي جي نر کي آنچرو، آچرو، يا آچُورو چون. نر کي "سَنو" ۽ مادي کي "ماهي"چون. "ليئي" مڇي سان اهي ٻئي نالا لاڳو آهن.* عام ڏسندڙن لاءِ، ليئي مڇِي جي نر ۽ مادي جي سڃاڻپ تڏهن تي سگهي تي جڏهن اهي ٻئي (مادي وڏي ۽ نر ننڍو) پنهنجن ٻچن جي حفاظت ۽ سنڀال لاءِ گڏجي بيهن

---

* عام طرح سينگاري جي نر کي سنو سڏين.

تا ۽ گڏجي هلن ٿا. رڇ ۾ پوڻ وقت نر اڪثر مٿي هوندو، زور لائيندو ۽ رڇ ڦاڙيندو؛ ماهي (مادي) هيٺ تي هوندي، ۽ ڍري هلندي ۽ زور نہ لائيندي.

ڪا مڇي پاڻي جي سِير يا تکي پاڻي ۾ لڳ ڪندي تہ ڪا وري ڍري ماٺي پاڻي ۾ لڳ ڪندي. مثلاً **ڪُرڙو، ٿيري ۽ مُڪر** وڏي تکي پاڻي ۾ لڳ ڪندا، ۽ **سينگاري، مورِي، ڏاهِي، پوپِري، سِٽي،** ۽ **ڏَرو** ڍري ماٺي پاڻي ۾ ميل ڪندا. درياءَ ۾ **ڄرڪو** وڏي پاڻي مان پاسي تي نڪرندڙ واهہ يا واهڙ، جيڪي جهنگ يا ڍنڍن ڏورن ڏانهن ويندا هوندا، تن جي تانگهي پاڻي ۾ لڳ ڪندو. ڄرڪو ۽سرهيو (سريو) جڏهن ڍنڍن ۾ مٿان پاڻي پوندو تہ انهيءَ پاڻي ڏانهن مٿي چڙهندي لڳ ڪندا. **گندڻ** درياءَ جي وڏي پاڻي آجهار ۾ يا اندر ڪينجهُو ۾ جتي لڙهي آيل وڻ ۽ ڍنگر اٽڪيا پيا هوندا اتي لڳ ڪندا. ماهي (گندڻ جي مادي) ڪينجهو وارن ڏارن، ٽارن، ڍنگرن ۾ آني لڦي ڇڏيندي.

مڇيءَ جون سڀ ذاتيون آنا ڪن جيڪي پهريائين پيٽ اندر هڪ ڳوٿري ۾ سِرجن جنهن کي ”آني“ چئجي ٿو. اها آنن جي ڳوٿري لڳ کان پوءِ سرجندي ۽ جئن پوءِ تئن ان ۾ داڻدار ڀورو وڌندو ۽ پوءِ داڻ داڻ وڏيرڙي ۽ پڪي

ٿيندي ويندي. هر داڻ مان هڪ ٻچو ڦٽندو. وڏي ۾ وڏي آني شاڪر جي، ٻئي نمبر ۾ پلي جي ۽ ٽئين نمبر ۾ ڄرڪي جي. ٽيري ۽ ڪرڙو ٻئي وڏيون مڇيون پر انهن جي آني پيٽ ۾ ننڍي. سڀ ڪان ننڍڙي آني رڙي (ڪڳي) ۽ پوپري جي.

مڇي لڳ ڪڏهن ٿي ڪري ۽ ان جي پيٽ ۾ آني ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي سرجي، ان بابت جدا جدا خيال آهن. هڪ اهو تہ نر ۽ مادي جو لڳ تڏهن ٿئي ٿو جڏهن ٻئي پاڻ ۾ لڳي هلن ٿا. جڏهن نر ماديءَ سان لڳي ٿو ۽ ان تي ڪير هاري ٿو تڏهن ماديءَ جي پيٽ ۾ آني سِرجي ٿي، يا جڏهن مادي آني ڇاڻي ٿي ۽ آنن واري لِڳَ پيٽ مان ٻاهر ڪڍي ٿي تڏهن نر ان تي ڪير هاري ٿو. درياءَ ۽ ڍورن جي وهندڙ پاڻي ۾ مادي رات جو لُڙ واري تانگهي پاڻي ۾ پاچل تي آني ڇاڻيندي تہ مٿان نر بہ اچي ڪير هاريندو. سينگاري، مُنڊو ۽ مُنڊي– اُنهن ٽنهي جي آنن جو ڇِتر پاڻيءَ ۾ ترندو ڏٺو ويو آهي.

روهڙي جي ڇاڻو ملاحن خاطريءَ سان چيو تہ: آني مادي جي پيٽ ۾ ازخود پرجي ٿي، پوءِ نر بہ اچي پاسو ونندو ۽ جوڙو جُفتِ ٿي هلندا جو مادي آني ڇاڻيندي ۽ نر ڪير ڇڏيندو، جن آنن کي ڪير جو واس آيو تن مان ٻچا

ڦٽندا. ڇيلري مڇي اٿين وڏي ٿي. ملي يا ليٽي مڇي مان گندڻ جو لڳ تانگهي پاڻي ۾ ٽيندو، ماهي سڌي پٽي هوندي ۽ نر مٿان پيا گسندا ۽ لڳندا، ان وقت بيهوش هوندا پل ڪٽي ماڻهو بہ بيٺا هجن. مڇيءَ جو لڳ رڱو وهندڙ پاڻي ۾ ٽيندو، بيٺل ۾ نہ ٽيندو.

جاتي جي ڪن ڄاڻو مهاڻن چيو تہ ڊنڊن جي مڇين مان ڄَرڪو ۽ سرهيو تن ٻنهي جا آنچرا (نر) ماهي (مادي) تي چڙهن ٿا. لاڏين (تعلقو شاهبندڙ) ۾ هڪ ڄاڻو ٻڌايو تہ اهو ڏٺو ويو آهي جو پاڇل واري ننڍي پاڻي ۾، "ڄرڪي" جو آنچرو (نر) ماهي (مادي) جي هڪ سامهين پکري هينيان لڳو پيو هوندو ۽ ٻنهي جا پٺا مس ٻڌل هوندا، اهڙا بيهوش هوندا جو انهيءَ حالت ۾ ماڻهو ٻنهي کي وڃي جهليندو ۽ جهلجڻ وقت ٻنهي جي بغلن ۾ کير (اڇي رنگ واري پاڻيٺ) جهڙي لِڳ لِڳ هوندي. ڄرڪي جي حالت ۾ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ پاڇل جي ننڍي پاڻيءَ ۾ ماهي اُبتي تي پٽي هوندي جو چار چار پنج پنج آنچرا (نر) ان جي مٿان لڳي پيا لنگهندا. ڪن جو خيال تہ ان وقت ماهي آني ڇاڻي تي ۽ انهن تي آنچرا (نر) کير هارين ٿا.

سال ۾ مڇي ڪڏهن لڳ تي ڪري ۽ مادي جي پيٽ ۾ آني ڪهڙي وقت تي سِرجي، ان بابت بہ جدا جدا خيال

آهن. پانئجي ٿو تہ مڇيءَ جون ڪي جنسون اڳ ۾ لڳ
ڪن ٿيون ۽ ڪي پوءِ. سنڌ جا ڄاڻو مهاڻا انهيءَ تي يڪ
راءِ آهن تہ مڇي سياري کان پوءِ مِينهن پوڻ تي يا نئين لُڙيل
پاڻي وهي اچڻ تي لڳ ڪندي. برساتون سويرو يا دير سان
پون ۽ پڻ لُڙيل پاڻي اڳ يا پوءِ اچي، تہ مڇيءَ جو لڳ
ڪرڻ ۽ مادي جي پيٽ ۾ آنيِ جو سِرجڻ بہ اڳ يا پوءِ
ٿيندو. جيئن تہ سياري گذرڻ کان پوءِ، مٿي جبلن ۾ برف
ڳرڻ سان يا برساتن پوڻ سان، سنڌ جي حدن اندر درياءَ بہ
براجن پوڻ کان اڳ چيٽَ (مئي) جي مهيني ۾ چڙهندو هو
۽ نئون لُڙ پاڻي ايندو هو، انهيءَ ڪري ايئن سمجهيو ويو
تہ مڇي چيٽَ جي مهيني ۾ لڳ ڪري ٿي ۽ ان وقت آنِي بہ
سرجي ٿي، ان کان پوءِ وِهاءِ يا ويساکَ ۽ جيٺ (مئي-
جون) جي مهينن ۾ آني پرجي ٿي، ۽ آکاڙ ۽ سانوڻ (جولاءِ
- آگسٽ) ۾ مڇي آنِي ”چِيري ٿي“ يا ”ڇاڻي ٿي“ (يعني
خالي ڪري ٿي). لُڙ پاڻي ( لڙيو پاڻي) وقت تي آيو ۽ دير
نہ ٿي تہ جون جي مهيني تائين آني ڇاڻي ڇڏيندي. اڳ
ڏندن ۾ بہ لُڙ پاڻي اپريل ۾ يا مئي - جون ۾ ضرور پئجي
ويندو هو جو مڇي جي واڌ شروع ٿيندي هئي. هن وقت لاڙ
۾ عام مڃيل ڳالهہ اها تہ جون کان آگسٽ تائين ٽن مهينن
۾ آنِي سرجندي، پربي ۽ ڇٽي ويندي. جاتي جي ڄاڻو

مُهاڻن تصديق ڪئي تہ مَنڊي بہ دفعا پرجي ٿي (ڦـَرجي ٿي) ۽ بہ پيرا آني چيري ٿي، هڪ ڦـَگـڻُ (مارچ) ۾ ٻيو سانوڻ (آگسٽ) ۾.

روهڙي جي ڄاڻو ميربحرن چيو تہ مڇي بہ پِتا ڏيندي، ٿي نہ. سڀ مڇي ڪٽڪن جي لابارن (مارچ - اپريل) ۾ شروع ٿي لاڳيتا بہ تور ڪندي ۽ مهيني مهيني جي وٿي سان بہ پيرا آني ڇاڻيندي.

مـڇيءَ جي پـيـٽ ۾ آنـي پـربـي تـہ ڏُن مـان "آنـي چيريندي"، يا "آني ڇاڻيندي": يعني ڏُن مان آنن واري لِوَ هيٺ پاڻيءَ ۾ وَهندي جتي آنا ڪجهہ وقت ترندا ۽ پربا ۽ پوءِ ٻچا ڦٽندا. ماهي ڪي آني ڇاڻڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳندو: وڏ ۾ وڏ پندرهن ڏينهن ڪن لڳندا. جيڪي آنا اڳ ۾ ڇٽيا تن مان ٻچا بہ اڳ ۾ ڦٽندا. درياءَ ۽ واهڙن جي وهندڙ پاڻي ۾ آنا ڇٽندا، لُڙهندا، ۽ ڦٽندا؛ آنا چوويهن ڪلاڪن اندر ڦٽي ويندا. جيترو پاڻي گهٽو ۽ پاڻي جي وهڪ ۽ اٿل پٿل گهٽي، اوترو ٻچو جلد ڦٽندو ۽ وڏندو وڏو ٿيندو. گهٽو ڪري وهندڙ پاڻي ۾ پوڻ ساڻ آنن ۾ ساهہ پئجي ويندو، گندٽي بينل پاڻي ۾ آني هاريندي تہ بہ ٻچا ڦٽندا؛ ٻي مڇيءَ جا ڪين ڦٽندا. چيلري مڇيءَ جو ٻچو ڦٽندو ئي وهندڙ لُڙيل پاڻي ۾ جتان پوءِ ڍنڍن ڍورن ۾ ايندو، چيلري مڇي

جو ٻچو ڍنڍ ۾ ڪونہ ڦٿندو، اهو ٻاهران لُڙ پاڻيءَ سان گڏ ايندو. سجاول طرف ڍنڍن ۾ **ڪُرڙو، ٿيري** ۽ **موراڪِي** جا ٻچا ٻن مهينن ۾ وڏي اٺ انچ کن ٿي وڃن ٿا، ۽ جرڪي جا آڳاٽا جون وارا ٻچا ٻن مهينن ۾ وڏي ٻہ اڍائي فوٽ کن ٿي وڃن ٿا. مٿي درياءَ ۾ ٻہ (چيت ۾ لڳ ۽ ڦٽڻ کان پوءِ) ڏنيري ۽ ٿيري جو ٻچو ايندڙ هاڙهہ تائين سير پنج پاءَ ٿي ويندو.

# ٻچن جي سنڀال

ٻين جاندارن وانگر مڇي کي به پنهنجا ٻچا پيارا آهن. جن مڇين کي ڄاڻو مهاڻا پوريءَ طرح ڄاڻيچي سگهيا آهن تن مان ڪي پنهنجن آنن ۽ ٻچن جي سنڀال ڪندي ڏٺيون ويون آهن. ڪي مڇيون آنن ۽ ٻچن جي حفاظت لاءِ شروع کان ئي گهر ٺاهينديون يا ڪا بچاءَ واري جاءِ ڄاڻچينديون. مثلاً سينگاري هيٺ تر ۾ تَسُ يا ٽارُ (گور مثل ٽوري هيٺ تي ڪوٽيل زمين) ٺاهيندي ۽ ان ۾ آنا ڄاڻيندي ۽ سنڀاليندي. مُنڊيو ۽ منڊي به اهڙيءَ طرح ٽارُ ٺاهينديون. انهن ٽنهي جي آنن جا ڇَٽرا مٿان پيا تَرندا ۽ جڏهن ٻچا ڦُٽندا ته نر ۽ مادي انهن کي وٺي هلندا. پاڻ هيٺان هوندا ۽ ٻچا مٿان پيا هلندا، هڪ ويندو ته ٻيو سنڀال لاءِ بيٺو هوندو. اهڙيءَ طرح ٻچا ڦُٽندا ته سينگاري، ڄرڪو، منڊي، مُنڊيو ۽ لُهَڙ ٻچن ساڻ گڏ رهندا. ڄرڪي جي ٻچن جي پُونگ مٿان پٺي هلندي ته ٻئي نر - ماد، يعني آنچرو ۽ ماهي، به حفاظت لاءِ هيٺان هيٺان پيا هلندا. اهڙيءَ طرح سينگاري جو ”سَنُو“ ۽ ”ماهِي“ به ٻچن جي پُونگ هيٺان پيا هلندا ۽ ٻچن جي حفاظت ڪندا. گندڻ جي ماهي لُڙ جي پاسي ۾ يا ڪينجهُو ٽيل وٽن ڪانين ۾ آنا لِڪيندي ته

جيئن ٻي ميجي نہ ڏسي. گنڊڻ نہ رڳو آنن ۽ ٻچن تي
ٻيهندو پر وڙهندو ۽ بچاءُ ڪندو. ڪڪڙ، ٻونهڻ، مُنو بہ ٻچن
جو بچاءُ ڪندا. نہ رڳو وڏيون مڇيون پر ڪي ننڍيون
مڇيون جهڙوڪ ڦاپٽو، مُنو، ڦاڙ، يا اجان بہ ننڍڙيون
جهڙوڪ پوپري، مُريو، ڳانير، دانَرُ، ٻُونهِٽي، ڪَوَڙو، ڏيو،
پَٿو ۽ ڏينڊُ بہ پنهنجن ٻچن سان گڏ هلن ٿا ۽ انهن جي
سنڀال ڪن ٿا

## بِسرَ مڇيون

ڪي ساڳئي ڪُڙم واريون مڇيون هڪ ٻئي تي پون ٿيون. ڪرڙي، ٿيري، موراڪي ۽ ڏاهي ڇارئي ساڳئي ڪٽنب واريون جنسون آهن، ۽ انهيءَ ڪري بعضي انهن مان هرهڪ جا نر ٻين جي مادين تي چڙهن ٿا جو انهن مان ”بِسرَ ٻچا“ پيدا ٿين ٿا. روهڙي جي سڄاڻ ميربحرن سمجهايو تہ ڏنيري، ٿيري ۽ موراڪي مڇيءَ جي گاڏڙ جنس ’وِهرو‘ مڇي آهي. لاڙ ۾ جنهن جنس کي ’بِسر‘ سڏين تنهن کي اتر ۾ ’وِهرو‘ چون. سانگهڙ ضلعي ۾ ٻَڪار جي ڍنڍن جي ڄاڻو ميربحرن کان معلوم ٿيو تہ ڪرڙو ٿيري تي چڙهي ٿو ۽ ٿيرو ڪرڙي تي چڙهي ٿو. جڏهن ڪرڙو ۽ ڏاهي هڪ ٻئي تي پوندا تہ ”بِسَر مُرو“ پيدا ٿيندو. گدو طرف ميربحرن چيو تہ شاڪر، مُڪر ۽ چٽرو ساڳئي ڪڙم جا آهن: شاڪر ننڍو، ان کان وڏو مڪر ۽ ان کان وڏو چٽرو. مُڪر ٻہ قسم ٿئي: هڪ ڪارو ۽ ٻيو چٽرو. انهن مان چٽرو مڪر ۽ وڏو چٽرو هڪ ٻئي تي چڙهن ٿا.

بِسَر ٻچا جڏهن وڏا ٿيندا تہ شڪل صورت مان انهن کي سڃاڻبو تہ ڪهڙي جنس جو نر ڪهڙي جنس جي مادي تي پيو آهي. سڃاڻپ انهيءَ طرح ٿيندي جو بِسرَ ٻچي جو منهن نر جهڙو ۽ پويون ٻت مادي جهڙو ٿيندو.

# مڇين مارڻ لاءِ گهاوا ۽ ڄار

مڇي انسان جو کاڄ آهي ۽ پڻ کائڻ ۾ لذيذ آهي، انهي ڪري جهلجي مارجي ٿي. پاڻي مڇي جو وڏو بچاءُ آهي. ڪنهن اڳوڻي دور ۾ ماڻهوءَ لاءِ ايترو سولو نہ هو جو پاڻيءَ مان مڇي کي جڏهن چاهي تڏهن جهلي سگهي. پر آهستي آهستي ڏاهپ وڌي ۽ ماڻهن مڇي کي ڦاسائڻ لاءِ قسمين قسمين جا گهاوا، ڄار ۽ رڇ ٺاهيا. راڻ (جمع رانئون) وارا مضبوط وٽيل سڳا، وچ وارا اڪا، متيون ڪانيون ۽ هيٺان شيهي جا ڳوڙها اهي گهاون جا ضروري ڀاڱا آهن. اڳ گهاوا سوٽي هئا ۽ هاڻي مڪڻ ـ ريشم (پلاسٽڪ) جا آهن. رڇن کي رڱيندا ۽ اڪثر خاڪي، ناسي، ڪارو يا سائو رنگ ڏيندا تہ جيئن پري کان مڇي نہ ڏسي. ڍنڍ يا سمنڊ جي ڪاري نيري پاڻي ۾ اچي رڇ کي مڇي ڏسي ٿي. ڪاري جي مڇي جا ڪي ڄار جدا تہ مٺي جي مڇي جا ڪي ڄار جدا. ڪي ڄار ٻاهران بيهي اڇلجن ۽ ڪي پاڻيءَ ۾ لهي وجهجن.

ـ هَندَ، گهائو، گهائي: پاڻي ۾ گهڙي وجهبو، هيٺيان "راڻ" جنهن ۾ شيهي جي ننڍڙن ڳوڙهن جي قطار جيڪا گهائي کي هيٺ لڙڪائي جهلي، ۽ ان ۾ ڳوٽريون ٺهيل

جنهن ڪري جيڪا مڇي آئي سا گهائي مان نڪري نہ سگهندي.

- ڪَڙيالي، ڇارو: نونٺ تي رکي وِتائبو يا اڇلائبو، ڇارو ڏيگهہ ۾ سٺن کان نوَن نرين تائين ٿئي.

- ڇاٽو: ڪڙيالي جهڙو، پر ان ۾ چار مڙڪا.

- ٽڙو: هي ڇار ٻيڙي ۾ چڙهي اندر وجي اڇلبو ۽ رات جو اڇلبو تہ ڪارگر ٿيندو. رڳو مڻان رانءَ اٽس.

- لڙهو : جتي ڪک ۽ گاهہ هوندو اتي گاهہ صاف ڪري پَهو ٺاهي لڙهو وجهندا. مٿان ڪانيون پڏنديا تہ جيئن تري پيو. جتان هيٺ مڇي ڦاسندي اتي ڪاني هيٺ ٻڏي ويندي تہ خبر پوندي تہ مڇي ڦاٿي آهي.

- لڙيل، نوڙهيل : هي بہ پن ۽ گاهہ ۾ مڇي مارڻ جو ڇار آهي.

- اوجهاٽي، اوجهانئي : هيءُ ڇار وڏي ڪُنَ کي ڦيرائيندا؛ ڇار جو هڪڙو ڪَنُ هڪ جاءِ جهلي ٻيهندا ۽ ٻيو ڇوڏاري ڦيرائي ايندا. هن کي هينيان مٿان رَان هوندي.

- ڀَنَ : هڪڙي هڪ پاسي ٻي ٻئي پاسي، بہ ڪانيون کوڙي وچ ۾ پڏندا ۽ پاسن کان بہ قناتون ڏيندا. پريان گهاتو ماردَاڙ ڪندا (واڇا ۽ آواز ڪندا)، جهُڳا ڪندا، ۽ مڇي کي ٺاهي ڦيرائي رڇ ۾ آڻيندا.

# مڇي جي بچاء جا حيلا ۽ هٿيار

ٻين پاڻيءَ جي جاندارن جي ڀيٽ ۾ مڇيون وڌيڪ هيٺيون ۽ ويچاريون آهن. انهن کي ماڻهو، مرون توڙي مڇيون کائين. مڙيئي مڇين جا مارا آهن: وڏين کي ماڻهو جهلين ته ننڍين کي وڏيون مڇيون کائين. مڇين جو فوري بچاء آهي لِڪ ڪرڻ يا تيز ڀڄڻ؛ انهن جي بدن جي بناوت ۽ پڇ جي ٻيهڪ اهڙي آهي جو تکي ڀڄڻ سان گڏ تڪڙيون تکيون گوهيون ڏيئي مارينڌڙ کان پاڻ بچائي سگهن ٿيون. ڪرڙو ۽ موراکي اڪثر رَڇ مٿان ٽپي جند ڇڏائين، ته ٿيري ۽ ٻيون وري رَڇ نَجي هيٺيان سِرڪي نڪرڻ جا حيلا ڪن. ڏاهي وڏي حرفت سان رَڇَ جي لوڳهي ۽ ڏيڍي مان ٻاهر نڪري، ۽ وري موتي اچي ٻين مڇين کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ سونهين ٿئي. ڪن مڇين جا تکا ڏنڊڙا آهن جن سان مارينڌڙ کي چَڪِين، ڪن جي منهن ۽ وات واري گولائي ۾ ڪارائي مثل سنهڙا تکا ارا آهن جن سان مخالف کي (ڏاند وانگر) ڪَتِري هٽِي ڀڄائين ۽ پڻ رَڇَ جي سڳن کي ڪتري توڙي نڪري وڃن. ڪن مڇين جا ڪارگر هٿيار ڪندا آهن جيڪي هو ماڻهو توڙي حملي ڪندڙ مڇي کي هڻن. ڪَلو ۽ لُهَڙ انهن ٻنهي کي زهريلا ڪندا آهن جيڪي ماڻهو کي

هٽن تہ سخت سور ٿئي. ان جو ترت علاج اهو جو لئي جا ساوا ٿارا باهہ تي گهٽوسيڪي انهن جي مٿان ڪنڊي لڳڻ واري جاءِرکبي تہ سور جهڪو ٿيندو. سينگاري، ڇِلي، ڪڳو ۽ ڏگٽو انهن ڪي بہ ڪنڊا آهن جيڪي جهلجڻ وقت جند ڇڏائڻ لاءِ ماڻهو ڪي هٽن پر سور ايترو ڪونہ ٿيندو، البت جي ڪنڊو اندر ڀڄي پيو تہ سخت سور ٿيندو.

# مڇيءَ جون انوکيون عادتون

مڇيءَ جون هيئيون انوکيون عادتون مڇيءَ وارن کي بخوبي معلوم آهن.

- مڇي جو ڀيهڻ. ڇيلري مڇي (سپ جنس) پاڻ ۾ ڪنڀي تي ڀيهندي. ان جي برعڪس ليئي يا مَلي مڇي ڇڙوڇڙ تي ڀيهندي.
- مڇي ڀيهندي هڪ جاءِ تي، چرندي ٻي جاءِ تي.
- مڇي ڀيهندي اونهي پاڻي ۾، چرندي تانگهي ۾.
- مڇي گاهه چرندي تہ گهٽو ڪري اُپي تي ڀيهندي، يعني پيچ هيٺ تہ مُندي مٿي؛ پر جڏهن تر ۾ مِٽي چٽيندي تہ مُندي هيٺ ۽ پيچ سِڌو مٿي هوندس.
- مڇي جو اوٻر وٺڻ. مڇي ڀيهندي آرام لاءِ ۽ پڻ اوٻر وٺڻ لاءِ. مڇي رات جو ويندي صبح تائين چرندي. ڏينهن چڙهندو تہ وڏي پاڻي ۾ وڃي ڀيهندي.
- شَهہُ تي مڇيءَ جو اوٻر ايري اچڻ. مڇيءَ وارا پاڻيءَ جي مٿين سَطح ۽ سَنوَتِ کي اتر ۾ "سَئونتَرو" ۽ لاڙ ۾ "شَهہُ" چون. مڇي تانگهي پاڻي جي شَهہ تي چرندي، ۽ اونهي پاڻي جي شهہ ۽ هينئين تري جي وچ ڏاري ڪني تي ڀيهندي، آرام ڪندي ۽ اوٻر وٺيندي. هيٺ

جتي بيٺل هوندي، اتان کان وٺي مٿي شهه تائين مڇيءَ جو اوڪر پاڻي ۾ لُڙَ وانگر نظر ايندو جنهن کي ڏسي گهاتو صحي ڪندا تہ اتي مڇي بيهي ٿي ۽ ماري سگهبي.

- مڇيءَ جي چُپ. ڪا مڇي جيڪڏهن هڪ جاءِ بيٺي هوندي تہ بہ جي سجاڳ هوندي تہ پَر پيئي هٽندي (ڪنيرا پئي چوريندي). "چُپ" مڇيءَ جي ننڍ واري ڏَئُنڪِي آهي جنهن ۾ ان جا سڀ ڪنيرا چپ ۾ هوندا ۽ ڇُرندا پُرندا ڪين. ننڊ جي ان ڏئنڪي ۾ بعضي سڏو هيٺ پاڻيءَ ۾ ڏِرندي تان جو تري ۾ لڳندي تہ ڇرڪ ڪائي سجاڳ ٿي مٿي ايندي. مڇيءَ جي رڳو انهيءَ ننڊ واري ڏئنڪي، پِنڪڻ ۽ خمار واري حالت ۾ ئي ڪنيرا چُپ هوندا. انهيءَ اوجهراٽي واري حالت ۾ اڪيون بہ پوٽجي ويندي.

- مڇيءَ جو پاڙو ڪرڻ. پوئين رات، اسر کان وٺي صبح تائين مڇي پاڙو ڪندي؛ يعني شهہ کان ٽورڙو مٿي وات کي پئي کوليندي ۽ بند ڪندي. اهو انهيءَ ڪري جو گاهہ، مِٽِي ۽ لُڙ واري جيڪا مِٽي ڪَلِڻ ۾ پَرجيس ٿي سا پاڙو ڪري صاف ڪري ٿي.

- مڇيءَ جو ڪوپ ۾ بيهڻ. ڪُرڙو، ڇٽرو، موراڪي، ڏاهي ۽ پوپري، اهي پاڻيءَ اندر هيٺ ڪنڌي يا ڪپر

جي پِڪَ ۾ ڪوپ ٿاهي بيهنديون. انهي عادت ڪان واقف گهاتو، ٽُبي هٽي ڪوپ ۾ بيٺل مڇيءَ کي هٿ سان جهلي ٻاهر ڪڍندا. جيڪڏهن ڪنهن حرفتي ۽ تکي مارينڊڙ کي سوئو بہ ساڻ هوندو تہ هڪ ٽبيءَ ۾ يڪ ساهي ست اٺ ڪن مڇيون بہ جَهليندو .

ڏ مَڇيءَ جو تَسُ يا ٿارُ ٿاهڻ. "تَسُ" يا "ٿار" معنيٰ هيٺ تر ۾ ٿوري ٿانگهي يا وڏي چُر. سينگاري آنن ۽ ٻچن لاءِ ۽ موراڪي اونهاري ۾ پنهنجي ويهڻ لاءِ، تري ۾ تَسُ ٿاهينديون. پر سينگاري ۽ موراڪي ٻئي وڏيون مڇيون آهن ۽ تري ۾ بيهنديون تہ پَر پيون هٽنديون جنهن ڪري مٽي پري ٿيندي ويندي ۽ هيٺ ڪڏ ٿي ويندي. درياءَ جي سينگارِي جو تس اڍائي - ٽي فوٽ بہ ٿئي.

## تکي طاقتور مڇي

پلو وڏو طاقتور آهي جو سمنڊ مان مٿي درياءَ ۾ چڙهي ٿو ۽ سير وٺي هلي ٿو. براج پوڻ کان اڳ پلو ٿوري وقت ۾ سمنڊ مان سکر پهچندو هو. پر ٿوري فاصلي تي، پلي کان وڌيڪ طاقتور ۽ تکي آهي ٿيري. روهڙي جي تجربيڪار ميربحرن متفقہ طور چيو تہ: درياءَ پور ۾ ايندو هو تہ پلو بہ وٺ وٺندو هو، پر ٿيري زور دريا ۾ بہ وٺ نہ ورتي.

# ڏاهي مڇي

مڇيءَ جي هڪ جنس جو نالو ٿي آهي "ڏاهي". ڪنهن آڳاٽي وقت ڪان وٺي ان کي هوشيار ۽ ڏاهي سمجهيائون تڏهن ان کي اهو نالو ڏنائون، پر ڪن جي خيال ۾ اهو رڳو نالو آهي باقي "ڏاهي" مڇي ايتري ڏاهي ڪانهي. روهڙي وارن جي راءِ ۾ "ملي" مڇي يعني چرڪو ڏاهو. منڇر وارن جي راءِ ۾ بہ پهريون نمبر ڏاهو چرڪو، ٻئي نمبر ۾ چڪ ۽ ٽئي نمبر ۾ شاڪر (مکر ۽ چٽرو). ٻين ڪن جي چوڻ موجب پهريون نمبر ڏاهو ڪرڙو، ٻئي نمبر ۾ ٿيري، ٽئين نمبر ۾ ڏاهي ۽ چوٿين نمبر ۾ موراڪي.

جن "ڏاهي" کي وڌيڪ ڏاهو ڪيو تن چيو تہ: ڏاهي رڇ کي ڏسي ڪينجهو تيل وٽن ڪاٺن يا ڪڏن ڪوبن ۾ لڪي ويهندي ۽ بچاءَ وٺندي. رڇ آڏو هوندو تہ هيٺ لهي ويندي. رڇ کي چوڌاري جانچيندي ۽ پاسي پلئہ ڪان ڪو ڳُڙڪ ڏنائين تہ ان مان ٻاهر نڪري وري موٽي ايندي، ۽ پوءِ اڳيان ٽي ٻين کي بہ اتان ٻاهر ڪڍي ويندي.

مٿس ڏاهي نالو انهيءَ ڪري بہ جو ٻي مڇي کي ڏاهہ (خبر) ڏيندي. پهريائين پاڻ رڇ جي لوڳهي مان ٽپي ويندي، پر وري موٽي ايندي ۽ ٻي مڇيءَ کي ڏاهہ ڏيندي

۽ ٽپائي وٺي ويندي. هن ۾ هڪ ته ٻين مڇين کي سڄاڳ ڪرڻ جي ڏاهپ ۽ ٻي پوئتي موٽي وڃڻ جي ڏاهپ. رڇ ۾ ڪانن جو ڀَڪلو (گول لوڳهو) جنهن کي آڏو ڏيڏي ڏيندا. اتان مڇي ڳهڙي اندر ايندي ته فطري طور اڳتي پئي منهن هٽندي پر ڦري پوئتي نه نڪرندي. پر ڏاهي انهيءَ ڏيڏيءَ مان نڪري ويندي ۽ ٻيون مڇيون به ان جي پويان لڳي نڪري ويندیون.

ڪرڙو به ڏاهو آهي پر رڇ ڏسي هُوترو ٽي ٽپو ڏيندو ۽ ڦاسي پوندو. ڏاهي گهُٽ هٽي رڇ جي هيٺان نڪري ويندي، پر جي رڇ ۾ لڳي (ڦاٿي) ته به ٻين کان وڌيڪ ٽَڙ پَٽَڙَ ڪندي.

جن ڪُرڙي کي وڌيڪ ڏاهو ڪيو تن جي راءِ ۾ خطري وقت ڪرڙو ٻين سيني جنسن کان اڳ ۾ ڀڄڻ ۽ لڪڻ جي ڪوشش ڪندو: اڪثر پهرين ڪُڙڪَ تي ئي ڀڄي ويندو يا وري چُپ ڪري پاسي سان پاڻ جهلي ويهي رهندو. ڪُرڙو رڇ جي ويجهو نه ايندو ۽ رڇ ڏسندو ته پاهون موٽندو. رڇ ۾ پيو ته مٿان ٽپي ويندو. ڪرڙو ۽ موراکي ٻئي رڇ جي مٿانّ وڏو ٽپو ڏيئي ويندا. مٿان درياءَ ۾ پاڻي لهندو ته ڪرڙي کي يڪدم خبر پوندي ۽ موٽندو. ٽيري، موراکي ۽ گندڻ کي به خبر پوندي ۽ ڀڄندا. باقي

ڇرڪو ۽ سينگاري ڪاٺ کي لڳا پيا هوندا پوءِ پل تہ مٿان پاڻي سڪي وڃي.

جن ٽيري کي وڏيڪ ڏاهو ڪيو تن جي خيال ۾ ٽيري پاڻ ڏيکاريندي ٿِي ڪانہ ۽ اونهون هيٺ ٿي هلندي. رڇ جي هيٺان نڪري ويندي يا تہ وري مٿان ٽپي ويندي پر ڪرڙي ڪان گهٽ ٽپو ڏيندي.

# سهٽي مڇي

وڏين توڙي ننڍين مڇين مان ڪي وڏيڪ سهٽيون آهن. انهن جي سهٽائي ۽ وصفن جي ڪري آهي: هڪ سهٽو رنگ ۽ ٻيو هڪ ساريڪو ٻُت. ڪي جنسون انهن ٻنهي وصفن کان وانجيل (خالي) آهن ۽ انهيءَ ڪري بي ڊوليون آهن، جهڙوڪ ڪڳو ۽ رَڙو. رنگ ۾ سونهن جو مدار ڪنهن حد تائين پاڻي ۽ ڪاڏي تي آهي. درياءَ جي لُڙبي پاڻي جي مڇي اڇيرڙي ۽ ڍنڍ جي بيٺل ڪاري پاڻي جي مڇي ڪاريڙڙي. ڪن جي خيال ۾ ڏير گاهه ڪائينڊڙ مڇي وِڏيڪ سهٽي هوندي. سنڌ جي ميربحرن جي راءِ ۾ سيني کان سهٽي مڇي "موري" يا "موراڪي" آهي، جنهن جي اڇيرڙي رنگ ۾ سونهري رنگ سمايل آهي. سڪر ۾ ڪَرڙي واري جنگ ۾ سنڌجا سورهيه ۽ شهزادا مڙس وڙهيا ۽ پنهنجا سِر ڏنائون، پر ڪابلي پٺاڻن جي حملي ڪندڙ لشڪر کي اڳتي وڌڻ نه ڏنائون. سنڌ جي سڄاڻن انهيءَ واقعي کي "موري" مڇي جي سهٽائي ۽ ڪڳي مڇيءَ جي بي ڊولائي جي حوالي سان هن طرح بيان ڪيو ته:

هِن پر جي موري مڇي، هُن پر جا ڪڳا
مير مراد علي سوپ ڪِتي، پَٺِي پٺاڻ پڳا.

## مڇي سنڌي ادب ۾

قديم دور کان وٺي درياءَ سنڌ مان وُڙهو، ڍنڍون ڍورا ڍريا ۽ سنڌ مڇيءَ سان مالامال ٿي. اندر سنڌ ۾ ميٺن مهاڻن اڳاٽي وقت کان مڇي جي معاشري کي مانائتو ڪيو. سنڌ سان لاڳو سمنڊ ۾ به سنڌ جي گهاتوئن ۽ گهورينڌڙن مڇيءَ جي شڪار ۾ پاڻ ملهايو ۽ مانگر مڇن سان مقابلا ڪيا، جنهن جو يادگار 'شاهه جي رسالي' جو "سر گهاتو" آهي. اندروني ڍنڍن ڍورن جي غريب ميٺن مهاڻن کي به قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو جنهن جو يادگار شاهه جي رسالي جو "سر ڪاموڏ" آهي جنهن ۾ مڇي جي ڏنڌي جي اهڃاڻن جو دلپذير ذڪر موجود آهي:

"ڄاريون ڪاريون ڇڄ ڇپريون ڄڻ ڄي محبت مڇيءَ سان"

شاه صاحب کان سواءِ ٻين به نوري جي مڇيءَ واري ماحول کي ڳايو:

پادر ناهس پير ۾، انگ تي نه اڳڙي
ناپو ڪائي نِپِني تَرَنَ تي تَڳڙي
ڏَجا دَرَڙا گانگٽ گوجون هُن جي ڪارِيءَ ۾ ڪڳڙي
جيڪا سامر سمي لڳڙي، تنهن تان لٿا حرف حساب جا.

دجا، درَڙا، گانگٽ ۽ ڪڳڙي سڀ مڇيءَ جون جدا جدا جنسون آهن.

ڄام تماچي جي نوريءَ سان محبت جي ڪري ڪينجهر

ڍنڍ جو وڏو مان ٿيو:

"ٻنهي ڪپين ڪينجهر جي، لڳڙا رنگ رهاٽيون وو"،

اها هڪ مشهور ڦافي آهي.

ٽالپور اميرن جي دور ۾ مير فتح علي خان ڍنڍن جي سڌاري ۽ مڇيءَ جي واڌاري تي خاص توجهه ڏني. ان وقت جي "هالا سرڪار" (پرڳڻي) جي حد ۾ هڪ وڏي ڍنڍ جي ڪناريَ مير صاحب پنهنجي رهائش گاهه قائم ڪئي ۽ ان کي مڇيءَ جي واڌ جو وڏو مرڪز بنايو. ڍنڍ جو نالو "شَڪر ڍنڍ" يعني (مِٺي ڪنڊ جهڙي ڍنڍ) رکيو ويو جيڪو وقت گذرڻ سان "سڪرنڊ" تي ويو. ڍنڍن ۽ تلائن جي مڇيءَ جي پيدائش تان محصول معاف ڪيا ويا، جنهن ڪري مڇي رکڻ جو شوق وڌيو، ۽ اهو هڪ ماناٽتو مشغلو بنجي ويو. پوءِ تعريف طور ائين چوڻ ۾ آيو ته، فلاڻو پنهنجي مڇي ماني وارو آهي، "شڪر ڍنڍ" ۾ مير صاحب خاص طرح موري مڇي کي پسند ڪري ان جي وڌائڻ جو حڪم ڏنو، جنهن سان موري مڇي جو مان ويتر وڌي ويو جو اها چڻ سنڌ جي خاص مڇي شمار ٿيڻ لڳي.

سنہ ۱۲۴۹هه ۾ جڏهن ڪابل جي لشڪر ۽ سنڌ جي لشڪر جي وچ ۾ ڪَرڙي واري جنگ لڳي ته ان ۾ سنڌ جا گهڻا سورهيہ شهيد ٿيا پر ڪابلي پٺاڻ بہ اڳتيٰ وڌڻ جو آسرو لاهي، ميدان ڇڏي پوئتي روانا ٿيا. ان وقت مڇين جي

مشابهت سان هينئن چوٽي مشهور ٿي ته :

هن پر جي مور مڇي، هُن پر جا ڪڳا
مير مراد علي سوپ ڪٽي، پَئِي پناڻ پڳا.

هڪ طرف وڏن شاعرن جي بيتن ۾ مڇي جو ذڪر آيو ته ٻئي طرف وري سگهڙن مڇين جي نالن ۽ مڇيءَ جي ماحول وارن انوکن لفظن کي چوندي عجب عجب جون ڳجهارتون جوڙيون جيڪي ڪچهرين ۾ مشهور ٿيون. مثلاً سرمارئي جي ڳجهارت ته :

مڇي جي، مڇي جا، ائين مڇي جا نه ڪجن

(مڇي جي = هارِي يعني ٻه پلا، هڪ ڪيرو ٻيو آنيارو.
مڇي جا = هاريا؛ ٻيا مڇي جا = ههڪه [illegible]، تانڪت)
جنهن مان لفظ حاڪم ۽ حڪم).

ڳجهارت جي پيچٽي :

"اي هاريا حاڪم، ائين حڪم نه ڪجن"

سر مارئي جي ٻي ڳجهارت ته :

ڪاچ اچي مڇي ماري، نه ته نرنان نالو ئي نه

(ڪاچ = جوئو، مڇي= جڪَ، نر نان = عمر، نالو = آيل )
پيچٽي : جوئي اچي جڪَ ماري نه ته عمر آيو ئي نه
(يعني، ڪنهن ڪميٽي اچي چغلي هنئي بڪ ڪئي، نه ته عمر بادشاهه اتي مارن واري ماڳ تي اچڻو ئي نه هو.)
ڪنهن سگهڙ مومل راڻي جي هينئن ڳجهارت چئن مڇين

(ٽپري، مُڪري، ڏاهي ۽ ڦندڙي) جي نالن تي ٻڌي :

مڃي ماري ميندري، مڃي مان نہ هُياس
مڃي هئس ڏيهہ ۾، مڃي ڦاساياس

پيچڻي :

ٽَپري ماري ميندري، مُڪري مان نہ هياس
ڏاهي هيس ڏيهہ ۾ پر ڦندڙي ڦاساياس

(ٽپري ماري= اجائي ميار ڏني، مڪري ٺيڻ = انڪاري ٺيڻ، ڪوڙي ڪرڻ. ڦند = سومل ساڻس مڙساڻو ويس ڪري سُتي)

ٻٽي سگهڙ مومل راڻي جي هينئن ڳجهارت پنجن مڃين جي نالن (گُلاِ، گوجون، ٻِتي، چَڪ يا شڪ، سينگاري) تي ٻَڌي:

مڃي پئي مڃين ڪئي، مڃي ٻهون ٺياس
مڃي ڪرين هَا راس، مڃي ڏسين ها سيج ڪي،

پيچڻي :

گِلا پئي گوجرن ڪئي، ٻتي ٻهون ٺياسِ
شَڪ ڪرين ها راس، سينگاري ڏسين ها سيج ڪي.

ڪنهن سگهڙ محبت ۽ دوستي جي ناتي سان هينئن ڳجهارت ٻن مڇين ”سُٽي“ (ٻُڌي) ۽ ”پُوپري“ ( پوءِ پرين) جي نالن سان جوڙي تہ :

مڃي جي نہ اچن، مڃي ڇڻو مَ ان ڪي

پيڄٽي : سٽي جي نہ اچن، پوءِ پرين چئو مَ اُن کي ڪنهن سگهڙ ميچي جي جنسن جي نالن سان هينيون هنر جو بيت چيو:

**مُڪري** وئين مَل ميندرا، **تَپُرِي** آءُ نہ هيَاسِ
**سٽي سينگاري** سيج کي، **پَلي** پُر جهاياس
**پوءِ ڪيئن** موتيين پوئتي **لوهڙ** لڄاياس
**ڏاهي** هيس ڏيهہ ۾، **قندٽي** قاسايـاس
**دوٽري تيلهياس، مُورهين** مياران ڏئين.

١. مُڪري ميچي. مڪري وئين = انڪاري ٿي ڦري وئين. ٢. تَپَرِي ميچي. تاپرو، تاپُرِي = نوڪرياڻي. ٣. سٽي ميچي. سٽي = سهٽي. ۴.سينگاري ميچي. سينگاري = سينگاريل ۵. پلو ميچي. پلي = آسرا لاهي. ٦. پوءِ ڪيئن = پوئِڪين =پوئڪي ميچي. ٧. لوهڙ ميچي. لوهڙ = او سڃي هڙ. ٨. ڏاهي ميچي. ڏاهي = سياڻي. ٩. قندٽي = قندٽي ميچي. قندٽي = قند واري (مومل). ١٠. دوٽر ميچي. دوٽري = پنهي پاسن کان. ١١. تيلهي ميچي. تيلهياس = آءُ تيلهجي ويس. ١٢. موري ميچي. موري = مورهي = مورهين = ماڳهين.

ڪجهہ وقت اڳ، ذهين سگهڙ عثمان ڪٽي (وينڌ جهان پور، تعلقو گهوٽڪي جنهن سان راقم جون ١٩٦٠ع ڌاري ڪچهريون ٿيون) ميچيءَ جي جدا جدا جنسن جي نالن سان

ظريفاڻه انداز ۾ هيٺين قافي جوڙي:

ٽلهه. ڏاڍو پلي سان اٿم پيار اديون
**سهٽي ڏاهي** هجي، توڙي **سيٽگار** اديون

۱. **پوٺڪي** مون سمجهيو صاف چٽو
ڏاڍو **ٺُنڊڻيءَ** ۾ مون فرق ڏٺو
**گندري گندڻ** توکي لڳو آهه سٺو
کيم **ڪڳي** ڪَي ڪيٺڪار اديون

۲. **دوءِ** ڪون شل دور رهان
هر هر **سُهٽي** مون سور سهان
ڏاڍي **ڪڪ ڪچڙ ڪورُ** ڪهان
هجان تولي **ڏَرڙي** دارَ اديون

۳. **مَڪَ** من ۾ مچ مچايو آ
ڏاڍو **ڏنيري** ڏيل ڏڪايو آ
ويتر **تيلي** تر تر لايو آ
کيم **وڏ-واتي** واپار اديون

۴. ڪٽي خوشيءَ مان بول پڙهيو
سيني **سَمَڪ** سندو خومار چڙهيو
**ماهي ماهي** مون ته جيءُ سان جڙيو
**حُوت حُوت** پڪاريان هر وار اديون

۵. ”عثمان“ **هلوهڙ** چڏ گوج گذر
گياني گيان **گانگٽ** رک خاص خبر
رک **موري موراڪي** مهر نظر
وٺي **شاڪر** جو ته شڪار اديون

---

(۱) سگهڙ عثمان پٽ سوڍو ڪٽي وينل جهان پور تعلقو گهوٽڪي وڏي سمجهه ۽ ذهن وارو سگهڙ، راڳ ۽ تار جو واقف، قافين جو شاعر. هيءُ قافي سنڌس زباني ڪچهري اباوڙي ۾ ۱۹ - ڊسمبر ۱۹٦٦ع تي قلمبند ڪئي وئي، ان وقت سندس عمر سٺ سال کن هئي.

## مڇي جون بيماريون

مِڇي جي مڇي کي ڪاري، ڇهري، لُوٽاڻيي پاٽي ۾ بيماري وٺندي. ڪنيرا يا پَرَ سَڙي ختم ٿي ويندا ۽ اک ۾ ڦُلا پوندس ۽ انڌي ٿي پوندي.

ڪَلو لڳڻ. ننڍڙي ”ڪَلو“ مڇي جنهن جا ڪنڊا زهريلا، سو ڇيلري مڇي کي پاسي ۾ ڪنڊو هڻي يا وري ”ٻاڙي ڪرڻ“ وقت وات ۾ پئجي ته مڇي مري ويندي. ڪَلو گهٽوُ ڪري ڇيلري مڇي کي لڳي، ۽ ليئي يا مَلِي مان رڳو سينگاري کي لڳي.

جيت لڳڻ. ڇيلري مڇي کي سياري ۾ ”ٻِڪڙو“ نالي جيت لڳندو جو بت ۾ ٽنگ ٿي پوندس ۽ مري ويندي.

ڪَنگي ٿيڻ. مُنڍي مڇي کي لڳندي ۽ ڏڙ ۽ پيچ سڪي ويندس.

ماتا ٿيڻ. ماتا، ملي يا ليئي مِڇي کي ٿيندي، جنهن ڪري بت تي وڏا وڏا ڦوڦينڊا ٿي پوندا.

# مڇي پالڻ لاءِ اُپاءَ ۽ احتياط

مڇيءَ جي کاڌ خوراڪ ۽ هلچل، عادتن ۽ اطوارن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته تلائن ۾ مڇي پالڻ لاءِ هيٺيان اُپاءَ ڪارائتا ٿيندا:

١. تلائن بنائڻ وقت تري ۾ هر ڏيئي ماهيو پاڻ چنو ملائي پوءِ پاڻي ڇڏجي:

٢. پاڻي ٿورو ٻاڙو کارو هجي ته بهتر، پر لوڻ - کارو يا ڪڙو هرگز نه هجي. ڪجهه سِر پاڻي اگهه ٻيٺل هجي ته ڀلو.

٣. تلاءَ ۾ هڪ پاسي مِٽي چيڪي هجي پر ٻئي پاسي ڪلراٺي هجي ته پل مڇي چٽي ڪائي.

۴. هڪ طرف پاڻي ست اٺ فوٽ اونهو هجي جتي مڇي ٻيهي ۽ اوڳر وٺي، پر ٻئي طرف ٽاٽڪهو هجي جتي چرڻي ڦري.

۵. جڏهن پاڻي ٻاهران تلاءَ ۾ اندر وڃي ته وهڪ وٽ جار ڏيئي ڇڏجي، نه ته مڇي ڪنهي وينديءَ يعني وهندڙ پاڻيءَ ۾ اوپاري چڙهي ٻاهر نڪري ويندي.

٦. مٿي بيان ڪيل بيمارين کان مڇيءَ کي بچائڻ جا پڻ حيلا ۽ جتن ڪجن.

# مڇي جو مستقبل

درياءَ تي براجن پوڻ بعد درياءَ ۾ ساليانو وهندڙ پاڻي گهٽيو آهي، ۽ مڇيءَ جي پيدائش ۾ واڌ بہ گهٽي آهي. اهو انهيءَ ڪري جو مڇي وهندڙ لُڙيل پاڻيءَ ۾ ئي آني ڀري تي ۽ ڇاڻي تي جو ٻچا ٿين ٿا. وهندڙ لُڙيل پاڻي جو مقدار گهٽبو تہ مڇي جي پيدائش پڻ گهٽبي. مڇيءَ جون ڪي جنسون هر سال سمنڊُ مان مٿي چڙهن ٿيون ۽ وري سمنڊ ڏانهن ورن ٿيون. پلو اصل ئي سمنڊ جو آهي ۽ اپريل ڏاري جڏهن ئي درياءَ ۾ چاڙهہ ٿيندو تہ پلو سمنڊ مان مٿي چڙهندو ۽ سيپٽمبر ڏاري درياءَ ۾ پاڻي لهندو تہ سمنڊ ڏانهن موٽندو. پلي کان سواءِ "سانو" بہ سمنڊ مان چڙهي ٿو ۽ آب ڪلاني بعد ڏيڍن ڏورن ۾ رهجي وڃي ٿو. درياءَ ۾ پاڻي جو چاڙهہ نہ هوندو تہ انهن مڇين جي واڌ گهٽبي. ٻي وڏي ڳالهہ تہ اڳ درياءَ جو جهجهو پاڻي سمنڊ جي وير کي ڌڪي پوئتي جهليندو هو ۽ ايترو مٿي چڙهڻ نہ ڏيندو هو. پر هاڻي وير مٿي چڙهي ٿي اچي. ١٩٧٠ع کان بہ شايد اڳ راقم جڏهن جانچ ڪئي تہ وير جي پاڻي سجاول تعلقي ۾ باگاڻن تائين درياءَ جي پاڻي کي ڪارو ڪري ٿي ڇڏيو. اندازا '١٩٧٧ع' ڏاري وير جو پاڻي پيرپٽي جي سامهون

ڳاهي جي پٽڻ تائين پهتو ۽ ڪاري پاڻيءَ جي ڪري اتي مڇيون مري ويون گهٽن براڇن پوڻ سان درياءَ جي پاڻيءَ کي مٺي وڏيڪ جهل سببان، سڄي سنڌ ۾ مٺي جي مڇي جي واڌ کي نقصان پهتو آهي.

نوان رڪيل تلاءُ مڇي جي پيداوار کي وڌائيندا ۽ انهن جي ترقي تي پورو توجهه ڏيڻ گهرجي، پر مڇي جي پيدائش وارن اصلوڪن ماڳن خاص طرح سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڊنڊن ڍورن کي قائم رکڻ ۽ سنڀالڻ ضروري آهي. اهي اصلوڪا ماڳ جيڪي مڇي جي فطري واڌ لاءِ ڪارگر آهن ۽ پڻ تاريخي طور مڇي جي پيدائش لاءِ مشهور رهيا آهن سي سنڀالڻ ضروري آهن. فوري توجهه منڇر ڍنڍ تي ڏيڻ گهرجي جو باوجود نيڪ ارادن ۽ وقتي اعلانن جي صورتحال ايترو سڌريل ناهي.

# مٿي جي مڇيءَ جون جملي جنسون ۽ نالا

”مڇي“ جملي جنسن جو نالو آهي، جنهن ۾ نر توڙي مادي ٻئي شامل آهن. پر ٻوليءَ ۾ مڇي اسم مؤنث آهي: جنس مڇيءَ جا ڪيترائي قسم آهن، ۽ هر قسم کي ”مڇي“ چئبو- مثلاً ڄرڪو به مڇي، ته سينگاري به مڇي، پر ٻوليءَ جي لحاظ سان ”ڄرڪو“ نر-نالو لڳي ٿو ۽ ”سينگاري“ مادي نالو. جدا جدا ماڻهن تي مڇيءَ جو ڏنڌو ڪندڙ جيئن مڇين جا نالا وٺن ٿا تيئن انهن نالن مان عام ٻڌندڙ کي مونجهارو ٿي سگهي ٿو. ايئن ڀانئبو ته ڄڻ نالو مؤنث پيو لڳي پر بيان مذڪر وارو پيو هلي، يا نالو مذڪر پيو لڳي پر بيان مؤنث وارو پيو هلي. اهو مونجهارو دور ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن هيءَ ڳالهه سمجهجي ته جن کي عام طور اسان مڇيءَ جا جدا جدا ”قسم“ چئون ٿا تن مان هر قسم مڇيءَ وارن جي ٻوليءَ ۾ هڪ جدا ”جنس“ آهي. هو بعضي هڪ نالو جنس طور وٺندا ته پيو نالو وري ننڍي يا وڏي جي لحاظ سان وٺندا: مثلا ”سينگاري“ نالو جنس جو آهي، پر جڏهن ”سينگارو“ چوندا ته ان مان مراد انهيءَ جنس جو هڪ خاص ننگ هوندو جيڪو گهٽو وڏو نه پر ذرا ننڍو هوندو. اهڙي طرح موري يا موراڪي نالو جنس جو

آهي پر ان جنس جي ڪنهن ننڍي ننگ کي ”موراڪو“ چوندا تہ وڏي کي موراڪي. ايئن ڪونهي تہ لازمي طور سڀ ائين چوندا پر وڏيڪ سمجهہ وارا ائين چوندا. جڏهن سينگاري چوندا تہ ان جنس جي وڏي ميجي کي چوندا. بعضي ڪٿي جنس طور ڄرڪي تہ ڪٿي جنس طور ڄرڪو بہ چوندا.

مجموعي طرح سان، ميجيءَ جي جدا جدا جنسن ۾، ٻوليءَ جي لحاظ سان، مذڪر ۽ مؤنث نالا جدا جدا طور مقرر ناهن: جملي جنسن ۾ مذڪر ۽ مؤنث جي لحاظ سان، جيڪر نر کي ”سنو“ ۽ ماڌي کي ”ماهي“ سڏجي تہ گهڻو مونجهارو گهٽجي ويندو. هلندڙ ٻوليءَ ۾ رڳو سينگاري ميجيءَ جي نر کي ”سنو“ سڏين. ”ڄرڪي ميجي“ جي نر کي ”آنچرو“ چون؛ ”نندي“ ۽ ”وڏي“ جي لحاظ سان نالو وٺندا تہ ”ڪرڙو“ وڏو تہ ”ڪرڙي“ ننڍي ٿيندي. پر ڪن وٽ جنس طور ”ڪرڙو“ (يعني ”ڪرڙو ميجي“) تہ ڪن وٽ جنس طور ”ڪرڙي“ (يعني ”ڪرڙي ميجي“).

ڪي جنسون ٻوليءَ جي لحاظ سان مؤنث ۽ مذڪر ۾ جڻ ساڳئي نالي واريون آهن؛ پر اُهي جدا جدا جنسون آهن، مثلاً ”مُنڊي“ ۽ ”مُنڊو“ مؤنث ۽ مذڪر ناهن پر بہ

جدا جنسون آهن جن مان هر هڪ ۾ نر ماد آهن. اهڙيءَ طرح ڪاري جي هڪ جنس "رَڙي" ۽ ٻي جنس "رڙو" جيڪي دريائي پاڻيءَ جي چاڙهه وقت مِٺي ۾ ٻه چڙهن.

مٿين وضاحت مختصر طور تي ٻوليءَ جي لحاظ سان ڪئي وئي آهي. باقي جدا جدا جاين تي هر جنس جو نالو مقامي طور ڪهڙي نموني ۾ ورتو وڃي ٿو سو ان جاءِ تي ٻڌڻ سٽڻ سان معلوم ٿيندو. هن وضاحت بعد هيٺ مِٺي جي مڇي جي جملي جنسن جا نالا ۽ انهن بابت ڪي عام معلومات (جن کي وڌيڪ تحقيق سان صحيح نموني سمجهڻ جي ضرورت باقي آهي) لاءِ ڏجن ٿا. هر نالو جنس جي لحاظ سان "مونث" جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي، سواءِ انهن نالن جي جيڪي اصل ۾ ئي "مذڪر" جي صورت ۾ آهن. مثلاً عام طرح "ڪرڙو" يا "ڏنيرو" چئبو، پر جنس جي لحاظ سان "ڪرڙي" يا "ڏنيري" چئبي، انهيءَ ڪري ان جو نالو بہ ڪرڙي يا ڏنيري جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي. ائين، عام طرح "ڄرڪو" چئبو، پر جنس جي لحاظ سان "ڄرڪي" يا "پوئڪي" يا "مَلِي" چئبي پر جيڪڏهن جنس جي لحاظ کان نالو آهي "مُنڊو" تہ اهو نالو ائين مذڪر واري صورت ۾ ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو "منڊي" هڪ ٻيو جدا جنس آهي.

هيٺ نالا الف - بي وار ڪري رکيا ويا آهن ته جيئن هر نالو سولائيءَ سان ڳولي سگهجي. ڏيگهه ۽ تور وڏي ۾ وڏي مقدار جي لحاظ کان ڄاڻائي وئي آهي: يعني ته ڪابه جنس ڏيگهه يا تور ۾ وڌ ۾ وڌ ڪيتري تي سگهي ٿي. گهڻو وقت بيٺل پاڻي وارين ڍنڍن جي مڇي اڪثر ننڍي، ۽ دريائي ڍورن توڙي وهندڙ پاڻي وارين ڍنڍن جي مڇي وڏي ٿئي. ڪن جنسن کي جدا جدا جاين تي جدا جدا نالن سان سڏجي ٿو، جنهن ڪري ڪي به جدا طور ڄاڻايل نالا ساڳي جنس جا ٿي سگهن ٿا.

## جنس وار نالا ۽ سڃاڻپ

آنيارِي. گانگٽ جو هڪ قسم آهي (ليئي)، ڏيگهه چار انچ. ڪائجي ٿي

اَلهوڙَ، هَلوهَڙ = لُهڙ

اوناَرُ، اونيار، اونِيرُ، اونيڙو (ڇيلري). ٻت 'وونچ' جهڙو پر ويڪرو، ڏيگهه ڇهه انچ، تور هڪ پاءُ. ڪاڄي ٿو.

آهِي (ليئي) ڏيگهه ڏيڍ انچ، مڇيءَ جو ڳاهه.

بامر= گوج. اوباوڙي - گڏو طرف گوج کي 'بامر' به سڏين.

ٻِدول (ليئي). ننڍڙي دريائي مڇي، ڏيگهه ڏيڍ انچ، مڇي جو ڳاهه.

بونهڻَ (ليئي). گوج جهڙي، پر بونهڻ جدا گوج جدا، ۽ پڻ بونهڻ جدا بُونهٽي جدا.

بُونهٽي (ليئي). گوج جو هڪ قسم. ٻيو قسم ٻانهياري، بونهٽي نندي، ٻانهياري وڏي.

ٻانهِياري (ليئي). گوج جو هڪ قسم، پٽن سان، بونهٽي کان وڏي.

ٻَتي (يا) ڦندٽي (چيلري): بالڪل گندٽي جهڙي. ڊيگهه هڪ فوٽ، تورا ٣ سير تائين پر وڏندي ڪانه، گندٽي وڏندي. ٻي سنهڙي مڇي کي ڪائي. ڪي گندڻ جي ٻچي کي ٻَتي چون: نندي ته ٻَتي يا ٻتو، وڏو ته گندڻ.

ٻَتراس (چيلري). ڊيگهه ٻه انچ ڪن، بالڪل پلي جهڙي.

ٻَتوٽي (ليئي). ڊيگهه ٽي انچ، ڪائجي ٿي.

ٻَتولَ (ليئي)، ڪريل جيڏي، مڇيءَ جو ڳاهه

ٻَتوٽي (ماتيلو) = ڪَلو.

پَلي، پَلَئي (چيلري). ڊيگهه ۾ ست اٺ انچ، پيٽ ۾ ”ٻوري“ ٽئيس. پلي جهڙي شڪل ٿي، پر پنهنجي قدبت جي لحاظ سان پلي کان ويڪراڻ ۾ وڌيڪ، سنهڙي آني ۽ ان سان گڏ پلي وانگر ڦوٽو (واءُ وارو نه) جيڪو ڪائجي. ڪينجهر ڍنڍ ۾ گهٽي مري ٿي (معنيٰ ته اصل ۾ مٺي جي مڇي). سجاول طرف سمنڊ مان سمر نالن ۾ چڙهي ٿي

(غالبا اها ٻي جنس؟).

پَلِيئَڙو (چيلري). دريائي مڇي. ننڍڙين مڇڙين ۾ شامل پر انهن ۾ نسبتا وڏيرڙي، ڊيگهه ٽي انچ، ڪائي سگهجي ٿي.

پوَپِري (چيلري). هڪ وڏي اڇي پوپري، ٻي ننڍي پوپري جنهن جي مِٿ ڳاڙهي ۽ وچ تي ڳاڙهو پٽو (ساڪرو). گڊو طرف "ڪنهٽي" سڏجي. اڇي رنگ تي، منهن سنهڙو ۽ ذرا گولائي تي . ڊيگهه فوٽ سوا، تور اڌ ڪلو (ٻڪار). هٿ جيڏي، ڪندو اٿس، جيڪو هٽي تي (ماتيلو،گڊو). ٻي مڇي جي ماريل ۽ ڪري پيل مڇي ڪائيندي. ڪائڻ ۾ لذيذ.

پوئڪي (ليئي). اترم پوئڪي يا مَلي، ۽ لاڙ ۾ ڄرڪو يا ڄرڪي سَڏجي.

پُرٿُ ڪڳو (ليئي). ڊيگهه ٽي انچ، مچون وڏيون (ماتيلو)

ٿَپرُيِ (چيلري). ڏنيري جو ٻيو نالو. ڏنيري يا ڪرڙي جو ننڍو ٻچو، ٿپرو وڏي ۽ ٿپري ننڍي.

ٿُڪُر (چيلري). ديي وانگر، پر ڪنڊا ڪين اٿس ۽ ڪنيرا اٿس (گڊو).

ٿيِڪَڙَ (چيلري). ڊيگهه ڏهه انچ، تور ڏيڍ پاءُ(ماتيلو اباوڙو)

نوهير = گانئر.

ٿوٿر = دوٿر.

ٿيري، ٿيلهي (چيلري). ڏنيري ۽ موري (موراکي) کان پوءِ
ٽئين نمبر ۾ مکيہ چيلري مڇي. ’وڏ۔ واتي‘ بہ سڏجي جو
وات وڏو اٿس. ٿيري وڏي ٿلهي ۽ ويڪري مڇي آهي.
ڊيگهہ چار فوٽ. جيڪي گذريل ويجهن سالن ۾ مٿان تربيلا
ڪنب مان آيون آهن سي تور ۾ ڳريون آهن. اڳڙن طرف
(گمبٽ تعلقو) هڪ مڻ پنج سير تور واري ٿيري ماريائون.
سکر کان مٿي اُپي ڏانهن ٿيري کي ”لَهَر“ سڏين.
**جَرُ.** دريائي مڇي (ڪنديارو)
**جَک.** دريائي مڇي (ماٽيلو)
چاهي. ڊندن ڊورن جي مڇي (اباوڙو)
جرڪو (ليئي). جرڪي يا پوئڪي يا مَلي جو وڏو ٻچو.
لاڙڪاڻي قنبر طرف ڊيگهہ ۾ ست فوٽ ۽ تور ۾ اڌ مڻ
ماريائون پر ان کان بہ وڏو ٿي سگهي ٿو. آڏو بہ پکرا سي
ٿلها ۽ پاسا ڪارائي وانگي. رڳو هڪ ڪرنگهي وارو
ڪنڊو ٻيو سڄو گوشت. ٻي مڇي کي کائي پر پنهنجن
ٻچن کي بہ کائي، انهيءَ ڪري ”آئوُ“ بہ سڏجي. مَلو آهي
۽ کائبو تہ ڦت کي اتلائيندو.
جرڪي (ليئي). ١. جرڪي مڇي (جنس) ٻيا نالا پوئِڪي
۽ مَلِي ٢. ننڍڙو ٻچو جرڪي، وڏو تہ جرڪو.
چِٽرو (چيلري). ”شاڪر“ جي ڪتنب ۾، هينان پيٽ تي

اڇا چٽا. "چٽرو" جدا جنس ۽ "چٽري" جدا جنس. ڊيگهہ ٽي فوٽ، تور پندرهن ڪِلو تائين (گڊو وٽ ١٢ ڪلو تور جو چٽرو ماريائون).

چٽري (ليئي). ننڍي ڪَسرِي، تور بہ ڪلو، وڏي چٽري هڪ مڻ تائين (ميرپور ساڪرو).

چِلوري (ليئي). ڊيگهہ هڪ فوٽ ڪن.

چالي =چلر واري مڇي، چيلري

چلي، شَلي (ليئي). ڏِگٽي وانگر، پر ڏِگُٽي وڏي ۽ چلي ننڍي، ڏگٽي کي جهالر گهٽي ۽ چَلي کي ٽوري، پڇ موراکي وانگر. مُنڍي اچي ۽ ڪِنا ري ڪاري. بہ ڪنڍا اٿس. ڊيگهہ ڇهہ انچ، تور اڌ سير (اڌ ڪلو). کائڻ ۾ لذيذ پلي جهڙي جو چربي اٿس.

چَندَٽي= ڦندٽي. ڪٿي عامي ٻوليءَ ۾ ٻنهي نالو "ڦندٽي چندٽي" ڪري چون، (چندٽي) ڪا جدا مڇي ڪانهي.

چُوچِي، شُوشي (چيلري). عام نالو اهو، پر لاڙ توڙي اتر ۾ پلڙو، پَلي، پَليئڙي بہ سڏجي. بالڪل پلي جهڙي پاڻيبو تہ پلي جو ٻچ، ڊيگهہ ٽي انچ، کائڻ ۾ سٺي، خوشبوءِ پلي جهڙي. مڇي جو ڳاهہ بہ ڪن.

دانر (چيلري). ٻي مڇي کي کائي.

دَجو (چيلري). شاڪر جو ٻچو. ننڍڙي دريائي مڇي، ٻي

مڇي جو ڳاهہ؛ ڪنڊيءَ ۾ وجهن ۽ دلبو ڏيئي ٻي مڇي کي ڪارائي جهلين.

درو، دَرڙو، دري (چيلري). ننڍڙي مڇي. ڊيگهہ سوا انچ، وڏي ۾ وڏو ٽي انچ ۽ تور اڌ پاءُ. پوپري جهڙو پر هن کي ٻنهي پاسي ڳاڙهو پٽو (ريتي). ڪائجي ٿو، پر اڪثر مڇي جو ڳاهہ.

ڏُڏ ڪکو (ليئي). رڙي کان جدا جنس. ڪکي جو هڪ قسم. ڊيگهہ ٻہ- ادائي فوٽ. رڙي کان وڏو.منهي توڙي ڪاري ۾ ٿئي (سجاول طرف، ڍنڍن ۾ غالبا ڪاري مان چڙهيو).

ڏُنگ درو. ننڍڙي مڇڙي. ڊيگهہ ٻہ انچ کن. ڪاجي ڪانہ ٿي، رڳو مڇي جو ڳاه (اوباوڙو: ڏُرس ڏُسِي ڏُنگ دَرو)

ڏُو، ڏُوءِ (چيلري). ڊيگهہ ڏيڍ انچ، تمام سنهڙي.

دوٽر (چيلري). هاڻي ويهن سالن اندر درياءَ ۾ آيل ۽ پڻ "فارمن" تي، اگي ڪانہ هئي. ڊيگهہ ۴ فوٽ يا زياده، تور ۲۵ ڪلو تائين.

دَئي (چيلري). ڊيگهہ ٻہ انچ. گهٽو ڪري ڪاجي ڪانہ ٿي، مڇيءَ جو ڳاه. ڪٿي (دو) کي (دئي) پڻ سڏين.

ديسي پلو (چيلري)= پَلي (لاڙڪاڻي ڦنبر طرف تورهڪ پاءُ)

دِيفَر (چيلري). ڊيگهہ نو انچ، تور ڏيڍ پاءُ.

ڏَيو (چيلري). ڏَيو ٻي جنس، ڏَئي ٻي جنس. ديو ڊيگهہ ۾ ڇهہ انچ، تور هڪ پاءَ، آنا وات ۾ جهلي. شڪل ۾ گولائي تي، مٿان ڇڻ ڪنڊا ڪنڊا ڳاڙهيرا. هڪ ڪارو ديو، ٻيو اڇو ديو. سِمر واري ڪاري ڪاريڙي پاڻي ۾ گهڻو وڏي، سنهڙي مڇي کي کائي، ۽ پنهنجي ٻچ کي بہ کائي. ڪجهہ وقت کان اباوڙي- گڊو طرف فارمن ۾ ڇڏيو ويو آهي ۽ اتي گهڻو وڏيو آهي. ديي کي ماري، سُڪائي، پيهي ڪڪڙين جوکاڌو ڪن. ديو پنهنجا آنا وات ۾ جهلي.

ڏاهِي (چيلري). دريائي پاڻي واري ڊيگهہ ۾ ٻن فوٽن تائين. عام تور ڏيڍ سير، البت ڪکي آهي. ڪرڙي جهڙي پر ويڪري، مُنهن سنهڙو تنديڙو ۽ ڪاري رنگ تي. اکيون ڳاڙهيون. ڏاهي انهيءَ ڪري ڏاهپ واري جو ڏاڙ وقت لئي ۽ ڪانين ۾ لڪي بيهندي ۽ پڻ رڇ جي لوگهن مان ٻاهر نڪري ويندي ۽ پڻ اڱواڻ تي ٻين مڇين کي ٻاهر ڪڍي ويندي .

ڏنيرو = ڏنيري مڇي (جنس) جو وڏو ٻچو - ڪرڙو.

ڏنيري = ڏنيري مڇي (جنس). ڏنيري مڇي جو ٻچو، ڏنيرو وڏو ۽ ڏنيري ننڍي.

ڏِمَڻ (ليئي). دريائي مڇي. شڪل ۾ صفا ڄرڪي جهڙي پر ڳاڙهيري رنگ تي، منڍي ٿلهي ۽ ننڍي. ڊيگهہ چار پنج

انچ، تور هڪ پاءُ (گڏو).
ڏُولَرو (چيلري). مُڪر جو ٻچو، وڏو تہ مڪر ننڍو تہ ڏولُرو.
ڏينڊُ (چيلري). ڏيگهہ ٽي انچ، تور هڪ آنو. ڪائجي ٻہ ٽو.
ڏُڳٽو، ڏِڳٽو(ليئي)*. ڏيگهہ ڏيڍ فوٽ تائين، تور ڏيڍ ڪِلو. ڇرڪي وانگر پر منهن سوڙهو، پُڇ موراڪي وانگر. ڏڳٽو ۽ ڇَلِي ٻئي هڪ جهڙا پر ڏڳٽو وڏو ۽ ڇلي ننڍي، پڻ ڏڳٽي کي ڇهالر يا مِيرِي گهٽي ڇلي کي ٽوري.
ڏِڳٽي (ليئي)*. ڏڳٽو ٻي جنس، ڏڳٽي ٻي جنس. ڏڳٽي ڏيگهہ ۾ اڌ فوٽ کن. مڇي جو ٻچو.
ڏُونگٽو (ليئي). سينگاري نموني پر پوٽ ٿلهو . ڏيگهہ فوٽ کن (اباوڙو)
رَڙو (ليئي). لاڙ ۾ رڙو ۽ اتر ۾ ’ڪڳو‘ سڏجي. اڪثر نديڙي کي ’رڙو‘ ۽ وڏي کي ’ڪڳو‘ چوندا. منهن ٿلهو، پوڇڙي سنهي. ٽي ڪنڊا، ٻہ پاسن کان سامهون کنيرن وٽان ۽ هڪ مٿان. (وڌيڪ لاءِ ڏسو هيٺ ’ڪڳو‘).
رِنجي، رِنجهي (ليئي). ڏيگهہ اڌ فوٽ تائين، ڪڳي نموني تي، ٽي ڪنڊا، کنڊو هٽي ٽي، ٻي مڇي کي کائي.
سانو. گانگٽ جو قسم سامهون ٻہ چَمٽا.

---

* ڪي (ڏُڳٽي) جنس جو نالو ڪن ۽ ڏُڳٽوان جو وڏو ٻچو

سانئرو = ڪرڙو، ڏنيرو

سانئرِي = ڏنيري، ڪرڙي

سَرلو (چيلري). ننڍڙي مڇڙي. 'سرلو' ذرا ننڍو ۽ 'سرهيو' وڏيرڙو.

سَرِنهه ، سرِنهڙو، سُريڙهو، سُريهڙو = سُرهيو

سُرهيو، سِرهيو، سَريو، سِريو.(چيلري)، ڊيگهه هڪ فوٽ، وات موراکيءَ کان ٻنهڙو، مٿان سنهو ڇلر. تور سير ڪن. ننڍي ڪرڙي مثل، پر ڪاري سائيرڙي رنگ تي، گاهه کائي. ڊنڊن ۾ ٻه ٽئي، ٻڪارجي ڊنڊن ۾ گهٽو آهي.

سُريو (چيلري). دريائي مڇي، ڪلي ۽ مَڪ کان پوءِ ٽئي نمبر ۾ ننڍڙي مڇي.

سونَهري (ليئي). ننڍڙي دريائي مڇڙي پر ذرا ٻَر ۾ موڪري، مُنهن ڪائي مثل نظر اچي. سر کان ٻه ڪنڊو ۽ پيٽ کان ٻه ڪنڊو جيڪي ٻئي تکا.

سِيرائِي (ليئي). سِيرائي ۽ ڪانيرو ٻئي ساڳي ڳالهه. ننڍڙي مڇي، کاجي ڪانه تي، ٻي مڇي کائيس، مڇي جو ڳاهه.

سِينگارو= سينگاري جو وڏو ٻچو.

سِينگارِي (ليئي). تور ۾ ڏهن سيرن تائين. رڳو ڪرنگهي وارو ڪنڊو، باقي سڀ گوشت. ٽي ڪنڊا، هڪ مٿان ٻه

پاسن ڪان، جيڪي بچاءَ خاطر هٽي ٿي. منهن وٽان داڻ داڻ جيڪا ڏانتي وانگر تکي. پاڻي اندر هيٺ تري ۾ منهن ۽ ڪنيرن سان زمين کوٽي، گور مثل تَسُ يا ٽار ٺاهيندي ۽ آني اتي چنڊيندي. درياءَ ۾ سينگاري جو تس ادائي فوٽ اونهو به ٿي ويندو. هيٺ تري ۾ گپ ۾، منهن هٽي ڇپي به ويهندي.

سُٽي، سِٽي(چيلري). ڊيگهه ڇهه انچ، تور ڏيڍ پاءَ، آچيرڙي رنگ تي، ڪرڙي جهڙي، پر منهن سنهون.

شاڪُرُ (چيلري). شاڪُر، چِترو ۽ مُڪُر تيئي جڻ ساڳيو ڪٽنب. شاڪُرُتي قسم: ١. شاڪُر وڏو ڳاڙهيرو ٢. شاڪُر چِتيل (ڪتي منڊي به سڏجي) ٣. شاڪر دَجو يا شاڪر ننڊو. وڏي شاڪُر جي آني ٻين سيني مڇين جي آني ڪان وڏي ٿئي. هيٺ تري ۾ سينگاري وانگر گپ ۾ مُنهن هٽندو ۽ ڇپي ويهندو. شاڪر گهٽو ڪري ننڍي پاڻي ۾ رهي ۽ وٽن جي پاڙن ۾ چري، پڻ پنهنجن ٻچن کي کائي.

شاڪر گُڊو. پيٽ اڇاڻ تي، ڊيگهه ڏيڍ فوٽ ۽ تور ڏيڍ ڪلو (گڊو). ڪرڙي ۽ موراکي کان پوءِ ٽئين نمبر ۾ کائڻ ۾ لذيذ. ڪنڊو ڪونهيس. ڪل لاهي ٻيرا ڪري ڊيبو.چوندا "گوشت پاڪري، مڇي شاڪري"،

شاڪر چٽرو. ڊيگھہ ٣ فوٽ، تور ٻارھن ڪلو (تصديق ٿيل
گڏو طرف)
شاڪر سنڌي. ننڍو، تور ڏيڍ پاءُ (لاڙڪاڻو- قنبر)
شيش-پلو = ڦيدر
شبنهڻ = ڪلو
ڦيدَر= ڦِيدَر
ڦاٻڻ = ڦاٻٽي
ڦاٻِٽو (ليئي). ١. ڦاٻٽي مڇي (جنس) * ٢. ڦاٻٽي مڇي
جو وڏو ٻچو (ڦاٻٽي وچ سنڌ توڙي لاڙ ۾ ڊيگھہ ۽ تور ۾
ننڍي جئن هيٺ ڄاڻايل؛ پر گڏو طرف چياڻون تہ ڦاٻٽو
ڊيگھہ ۾ سوا فوٽ ۽ تور ۾ ساڍن ٽن پائن تائين ٿئي).
ڦاٻٽو، لاڙ طرف 'گرمِ' سڏجي.
ڦاٻِٽي (ليئي)*. ڄرڪي جهڙي شڪل تي، ڊيگھہ ٨ انچ،
تور هڪ پاءُ، ترڻ ڪائڻ ۾ سُٺي لذيذ. سَيلي (ويڪري)
بدران ڊگهيرڙي وڌيڪ، ننڍڙي گانگٽي ۽ ڪَريڙ (ميڙي)
کي کائي.
ڦاڦُونڊي (چيلري). ننڍڙي مڇڙي، هڪ ٻہ انچ، ڪاجي
ڪانہ، رڳو مڇي جو ڳاھہ.

---

* ٻہ جدا ذاتيون: ڦاٻٽو موڪري تئي، ڦاٻٽي سنهي؛ ڊيگهہ ۾ ڦاٻٽو چار پنج انچ،
ڦاٻٽي ٻہ ٽي انچ. ساڳيونالو، پر جدا ياڳن ۾ جدا جنسن تي.

ڦڳڻ، ڦڳڻُ (ليئي). تور ڏيڍ پاءَ، منڊي ڳاڙهي ۽ هينان
ڪاري. چلي ۽ ڦڳڻ شڪل ۾ ملن ٿا (لاڙڪاڻو). غالبا
ڦڳن ۽ ڍگٹو ساڳي ڳالهہ.
ڦندڻ (ليئي). گندڻ کي ڦندڻ بہ سڏين، پر ننڍو تہ ڦندڻ ۽
وڏو تہ گندڻ.
ڦندَٽي (چيلري).١. گندٽي جهڙي، ڊيگهہ هڪ فوٽ ٽائين،
سنهي مڇي کي کائي. ٢.ننڍڙي مڇي، ڊيگهہ بہ انچ کن.
کائجي ٿي.
ڦيدَر، فيدَر (ليئي)، ڦيدر، فيدر ۽ شيش پلو ٽيئي ساڳي
ڳالهہ. ننڍڙي مڇڙي، ڊيگهہ ڏيڍ انچ، کاڄي ٿي ۽ پڻ مڇي
جو ڳاهہ (مُثل کي بہ ڪُنڍي ۾ هٹندا).
ڪانڊيري (چيلري). ڊيگهہ بہ انچ، ذرا ويڪري، ٿي ڪنڊيا
جن مان هڪ وڏو بہ ننڍيا جيڪي رڇ جي سڳن ۾ وچڙي
پوَن (ساڪرو).
ڪاٽيرُ. گانگٽ جو قسم، سنهڙو ڪارو .
ڪانيرو = سِيرائي.
ڪَرال (چيلري). ننڍڙي مڇڙي، 'ڪَلي' ۽ مَڪَ کان ذرا
تورڙي وڏي، کائي سگهجي پر کاڄي ڪانہ، مڇي جو ڳاہ.
ڪَرڙَ، ڪَريڙ، ڪَريڙو = ڪَريل.
ڪُرڙو (چيلري). ڪرڙو ۽ ڏنيرو ٻئي ساڳي ڳالهہ. چلر

ڳاڙهيرڙا، تيز ۽ طاقت وارو، ڀڄڻ ۾ تکو. ڪرڙو ڀڄ جي زور تي اوچي اڏيل چار ڪان ٻه ڪي فوٽ مٿان اڏامي ٽپندو.ڀڄ جي طاقت تي پوئتي پڻ تيزي سان موٽندو. دريائي ڪرڙو پندرهن فوٽ مٿي اڏامي ٻه ٽپي ٿو.

**ڪُرڙي** (چيلري). ١. مڇي جي هڪ جنس جو نالو، ڪرڙي مڇي، ڏنيري. ٢. ڪرڙي مڇي جو ننڍڙو ٻچو (هڪ انچ کان ٩ انچ ڪن ڊيگهه تائين)؛ وڏو ٿيو ته پوءِ ڪُرڙو . نئين سال تي تازو لُڙ پاڻي جئن ئي ڊيٺن ۾ پوندو ته ٻي سڀ مڇي کان پهريائين ڪرڙي ايندي.

**ڪَريلَ، ڪَرال**. ننڍڙي سنهڙي، ڊيگهه ٻن انچ تائين، مڇي جو ڳاه، جي مري ويندي ته ٻه ڪنڌي ۾ هٽندا. تئي تي تري ڪائجي پر ايترو مزو ڪونه اٿس.

**ڪڪَ، ڪامِٽي** (ليئي). ڊيگهه ٻه انچ، مڇيءَ جو ڳاهه، ڪاڄي ڪانه ٿي.

**ڪَلار** (خ). غالبا ساڳي 'ڪرال'

**ڪَلو** (ليئي). ٻه قسم، هڪ هيڊري رنگ تي، ٻيو ڳاڙهِيري رنگ تي جيڪو ڪندو هٽي ٿو. سنهڙو ننڍڙو، ڊيگهه ڏيڊ انچ. تي ڪنڊا، ٻه ڪلهن ڪان ۽ هڪ مٿان، جيڪي تکا زهريلا. مڇي ڪي پاسن ڪان ڏڪ هٽندو ته ٻي ست ۽ ساٽي تي لَڙهندي ايندي (پاڻيءَ ۾ تيلهبي ايندي) ۽ مري

ويندي. جڏهن مڇي ’ٻاڙو ڪندي‘ تہ مٿان وات ۾ پئجي ويندس ۽ مري ويندي. ڪلو لڳندو تہ سڄي تلاءُ ۾ مڇي ماري ڇڏيندو. چوندا تہ ’ڪَلو لڳي ويو، مڇي مري وئي‘. پر مڇي ڪائيس بہ ڪانہ ٿي. ڪلي کي ڪاڙهي، چربي ٻيڙين کي مکين.

ڪَلُونٽڙو = ڪلو

ڪَنڊيلِي (ليئي). ننڍڙي مڇي، ڏيگهہ ۾ ڏيڍ انچ، مڇي جو ڳاه (ماتيلو)

ڪَنَڦَاڙَ (ليئي). دريائي مڇي.

ڪَنگَ = ڪَنگِي ۽ ڪَنگ ساڳي ڳالهہ، لاڙ ۾ ’ڪنگ‘ ۽ اتر ۾ ’ڪنگي‘ سڏجي.

ڪُنگو (ليئي). ڏيگهہ ڇهہ انچ، سنهڙي منهن واري، چنهنب ويل، ڪنڊا وڏاءِ تکو هلي {ماتيلو}.

ڪَنگِي (ليئي). سنهي ڊگهي هڪ فوٽ تائين، ٻي مڇي کي کائي ۽ انهيءَ ڪري ڪِکي. سنڌ ۾ ڪانہ کاڄبي هئي، پر پاڪستان بعد سنڌ ۾ آيل بنگالي کائنس*.

ڪُنهت. دريائي مڇي (اهو نالو ڪنڊياري واري پاڳي ۾ ).

ڪَتَرَ، ڪَتَرَ، ڪَتو (چيلري). ننڍڙي مڇڙي، ڏيگهہ ٻہ انچ

---

* نومبر ١٩٩٢ع ۾ پڇا تي معلوم ٿيو تہ ان وقت قيمت پنجاهہ روپيا في ڪلو هئي: ڪراچي ۾ بنگالي ۽ بهاري شوق مان چانورن سان کائين.

کن. ڪاڇي ڪانہ، مڇيءَ جو ڳاه.

ڪَڳِٽيرُ، ڪَڳِٽيرُ (ليئي). ڪڳي جو قسم. ڊيگهہ ۾ ٽي انچ کن ۽ تور ڏيڍ آنو، ڪاڇي ٿو.

ڪَڳو (ليئي). ٽي قسم: ڪڳو ننڍو، ڏُڏ - ڪڳو ۽ ڪڳٽير (لاڙ ۾ ماڇر جي ڍنڍن ۾ ٽيئي قسم ٿين). ڪڳو پنهنجا آنا وات ۾ جهلي.

ڪَڳِي (ليئي). ١. مڇي جي جنس (جنهن ۾ ڪڳو، ڪڳٽير شامل). ٢.ڪڳي مڇي وڏي پاٽي ۾ رهندي منهن ڊگهو، ٽي ڪنڊا پر سنها، ڊيگهہ چار انچ کن، ٻي مڇي کي ڪائي (لاڙ ۾ جاتي طرف گهٽو ٿئي) ٣. ڪڳي مڇي جا جدا جدا قسم:

- اَنڌو ڪَڳو (ليئي). اکيون تِر جيڏڙيون ننڍڙيون، ڪنڊا وڏا، مڇون ننڍڙيون .

- پُرٿ ڪڳو: ڊيگهہ ٽي انچ کن، مڇون وڏيون (وچ ۽ اتر)

- دريائي ڪڳو: وڏو، ہِ اڍائي فوٽ تور ڏيڍ ڪلو ڪان،پنج ڪلو، ٽي ڪنڊا، ہِ پاسن ڪاِن ۽ هڪ مٿان.

- ملهير، ملهيرڙو ڪڳڙو. ڊيگهہ ڏيڍ انچ، ماڇي جو ڳاهہِ، جيرو ٻي گهمندو.

- مورڪڳو (ليئي). هيءُ وڏو شاهي رڙو آهي ۽ ٻي سڀ مڇي ڪان وڏو ۽ ڳرو آهي. رنگ سائو ۽ ڏَٻڪ ڏَٻڪ. سنڌ ۾ درياءَ توڙي ڍنڍن ۾ هي جنس اڳ ڪانہ هئي. گهٽن جو

اهو خيال تہ پهرياڻين ”تربيلا ڪنب“ ۾ پيدا ٿيو ۽ پوءِ هيٺ لٿو. ڪي چون تہ هي ”روسي مڇي“ آهي ۽ اجان مٿان آئي آهي. هن جو رنگ جڻ ”فوجي ڊريس“ وارو آهي ۽ انهي ڪري ان کي ”فوجي رڙو“ بہ سڏيائون. ڪي هن کي ’انڌو ڪڳو‘ چون جو پاڻيءَ ۾ پيو هوندو پڄندوڪونہ، ائين جو جڻ انڌو آهي ۽ هٿ وجهي وجي ڪڍوس. هاڻي درياءَ مان، واهن، ڍورن ۽ ڍنڍن ۾ وينڊي لاڙ تائين ان جو ٽُور پهچي ويو آهي. سنہ ١٩٨٦ع ۾ ، تعلقي سنجهوري ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاري لڳ، ٻَنديءَ واري وقت ۾ جمڙائو واہ مان شاهي رڙو ماريائون، جنهن کي توريائون تہ هڪ مڻ ۽ ٻاويهہ سير ٿيو. ٢۴ ڊسمبر سنہ ١٩٩٢ع تي گڊو طرف راقم کي خبر ملي تہ سيپٽمبر ١٩٩٢ع ۾ گڊوڪان هيٺ وڏو ڪڳو ماريائون جيڪو بہ مڻ پندرهن سير ٿيو.

ڪَڳڙي (ليئي يا ملي). بہ ڪندا سوند مثل، ڊيگهہ ٽي انچ.

ڪَنهِٽي، ڪنهڙِي (چيلري). پوپري کي مٿي اتر ۾ ڪنهٽي يا ڪنهڙي چون. منهن سٽِي ۽ دري جهڙو، وچ ۽ پڇ ٿيلهي جهڙو (ريتي، گڊو).

ڳانيَرُ، ڳانيرُ (چيلري). ڊيگهہ چار، پنج انچ، مڇيءَ جو ڳاهہ (جاتي).

ڳانيري =سٽُي (بدين)

گانگٽ، (چيلري، انهي لحاظ سان جو مٿان بت سڄو گول ڪوپن سان ڍڪيل). ٻي سڀ مڇي آني پيٽ ۾ جهليندي، پر مادي گانگٽ پنهنجا آنا ٻاهران پيٽ هيٺان ڪوڙي وارن ڪنيرن ۾ جهليندي.حيدرآباد کان هيٺ درياءَ ۾ ڍورن ڍنڍن ۾ آهي، پر براج واري پل مٿي ڪونہ ٿو چڙهي.

گانگِٽي. ننڍڙي سنهڙي گانگٽ مڇڙي، ڊيگهہ ۾ ٻن انچن تائين، وڏي مڇيءَ کائيس.

گائِر، گانئِرو، گانيرُ، (چيلري). ڊيگهہ ٩ انچ، ٽور پاءُ سوا، چاندي جهڙو چمڪندڙ کاڄي، ۽پڻ مڇيءَ جو ڳاهہ.

گَپ گُلو = گُلو

گُڊو = مُڪر. ماتيلي طرف مڪر کي 'گُڊو' بہ سڏين.

گِرِمَ= ڦاپٽي

گَندَڻُ (ليٽي). اتر ۾ 'ڦندڻ' پڻ سڏجي (ريتي). چلر اٿس پر ڳٽجي ليٽي ۾. منهن ڊگهو، پني سڄي ڪنڍن سان سٽيل. وڏو هوندو تہ پنارو ڪوري ڪڍي ڇڏبو، باقي پيٽارو تنهن ۾ وڏا ڪنڊا جيڪي کائڻ وقت سولا نڪرندا. وڏو گندڻ ٽور ۾ هڪ مڻ کان بہ مٿي ٿيندو. اتر ۾ ملو پر کائڻ ۾ لذيذ.

گندَٽِي(چيلري). ڦندٽي پڻ سڏجي، جنس ۾ گندڻ جدا ۽ گندٽي جدا. ڊيگهہ ٽن فوٽن تائينءَ انچ کن ويڪر. کائجي

ڪانہ ٿي.

**گلفام** (چيلري). منهن ۾ 'سُٽي' جهڙي، اڌ ۾ ٿيلهي جهڙي، ۽ پڇ ۾ موراڪي جهڙي. ٻن ٽن سالن ۾ ٻہ ڪلو ڪن ٿي ويندي. گلفام، گولي، ڏيو ۽ دوٿر هاٿي آيل، اڳ ڪين هئا. گلفام خاص طرح فارمن ۾ آندل.

**گُلو، گپَ گُلو** (ليئي). ڊيگهہ ۾ ٻن ڪان پنجن انچن تائين، تور مني پاءَ تائين، مٿو ٿلهو، سنهي منهن سان. ننڍڙي مڇي کائيندو، گپ ۾ هوندو ۽ اتي ٻُڏو پيو هوندو. ڪاڇي ٿو، پر گهٽو ڪري مڇي جو ڳاهہ. ڄرڪو ۽ سينگاري گلي کي کائڻ تي عاشق.

**گُلي** (چيلري). ڊيگهہ ڇهہ انچ، تور اڌ پاءَ

**گوجَ ١** (ليئي). گندڻ ۽ گوج کي چلر آهن ۽ جڏهن سُڪندا تہ نظر ايندا. پر گوج ڳَٽجي لئي ۾. گوج جا ٻہ قسم: هڪ بونهٽي، اچي ننڍي چار انچ ڪن؛ ٻي ٻانهياري جيڪا وڏي سائي رنگ تي ۽ ٿي هيڊا ليڪا. تور هڪ ڪلو. درياءَ واري جنس جي پنيءَ تي ڪنڊن جي رِيڙَ. ڊيگهہ تي فوٽ. گوج کي اندران وچان وچ هڪ ئي ڦوٿو منڊي ڪان پوڇڙي تائين. شاڪر وانگر گوج ٻچو ڪندي.

**گولي** (چيلري). هاٿي فارمن ۾ آيل اڳ ڪانہ هئي.

**گهاٽِي**. دريائي مڇي (ڪنڊياري واري ياگي ۾)

لَهِرَ=تيري. سکر کان مٿي اُپي ڏانهن تيري کي ’لهر‘ سڏين.
لُهِڙَ، لُهَڙَ. لَهُڙَ (ليئي). هٿ جيڏي، ڳاڙهيري رنگ تي، تور ڏيڍ پاءُ کن، ڪاجي تي ۽ ڪامڻ (سائي) کان فائدي واري. نندي لهڙ کي مڇيءَ جو ڳاهه ڪن. ڄرڪو، گندڻ ۽ شاڪر تيئي لهڙ کي شوق سان ڪائين. لهڙ پاڻ ٻي سنهي مڇي کي ڪائي. پاسن کان ٻہ ڪنڍا جيڪي زهريلا، رڇ ڪڍڻ وقت ماڻهوءَ کي اڪثر پير ۾ هڻندي. سخت ايذاءَ وارو سور: لئي جا ساوا تارا باه تي.سيڪبا ۽ انهن جي مٿان ڏنگ واري جاءِ رکجي تہ سور ڍرو ٿيندو. لاڙڪاڻي- قنبر طرف لهڙ ٻوڏ وقت آئي. اتي اڳ ڪانہ هئي.
ماه -شير (چيلري). فارم جي مڇي. اڳ درياءَ ڍنڍن ۾ ڪانہ هئي. موراڪي جهڙي. هن ۾ وڏي واڌ جو هڪ سال ۾ ڏه پنڌرهن ڪِلو تور ۾ ٿي وڃي ٿي.
مُنِي، مُنُــو (چيلري). ’مِنو‘ بہ سڏجي. گندڻ نموني موڪرو پر مُندي نـنـيڙي تڏهن مِنو سڏجي. ڊيگهہ ڏهن انچن.تائين، تور اڌ ڪلو. درياءَ جي وچولي ۽اڳي توڙي جاتي طرف ڍنڍن ۾ ٿئي.
مُرِي (چيلري). موراڪي جهڙي پر نندي ۽ اڇي - سائيرڙي رنگ تي (ريتي). ڊيگهہ اٺ انچ کن، تور ڏيڍ پاءُ، ان جو وڏو ٻچو مرو يا مُريو بہ سڏجي.

مُرو، مُريو (چيلري). مُري بہ سڏجي (قنبر) پر ھيءَ ٻي جنس. اکيون ڳاڙھيون، ڊيگھہ ٽي انچ. ميجيءَ جو ڳاھ.

مَڪ. ننڍڙي ميجي، ڪاجي ڪانہ، ميجي جو ڳاھ.

مَڪَٽِي (ليئي). سنھڙي، ڊيگھہ بہ انچ، ڪکي وانگر ٽي ڪندا. اگ ڪانہ ھئي ۽ اندازا ١٩٧٠ع کان پوءِ آئي (ماتيلو).

مُڪُرُ (چيلري). لاڙ ۾ 'منڊو' بہ چون پر اتر ۾ عام نالو مُڪر. ڊيگھہ ٩ انچ، تور ڏيڍ پاءُ، ٻي ميجي کي کائي. ترڪڻو ٿئي جسم تي ڪِکي جي گھٽائي سببان ھٿ مان ڇڏائجي وڃي ٿو. مُڪر جي ماھي (مادي) ٻچا ڪري ڇڏي ويندي پر نر ٻيھي ٻچاءَ ڪندو.

مُڪُرِي، مَڪُرِي. مُڪر ميجي جي جنس جو نالو.

مالھيرو ڪکو = ملير، مليرو.

مَلي =١. پوئڪي، ڄرڪي (جنس) ٢. ننڍي تہ 'ملي'، وڏو تہ 'ڄرڪو'.

ملُيرُ، مَلِيرو (ليئي). 'مالھيرو ڪکو' بہ سڏجي، ڳِٽ (گرانٽ) يا ھٿ جيڏو، ڪکي وانگر، تور اڌ پاءُ، ميجيون وڏيون، پاسن کان بہ ڪندا ۽ ھڪ مٿان.

مَلِيرَ، مليھرو (ليئي). ننڍڙي دريائي ميجي، ڊيگھہ ٽي انچ کن، ڪائي سگھجي ٿي پر گھٽو ڪري ميجي جو ڳاھہ.

**مورَ مڇي، مورِي، موراڪي** (ڇيلري). سفيد ۽ سونهري جهلڪ تي سهڻي مڇي. ڊيگهه چار فوٽ، تور پندرهن ڪلو. 'موراڪي' نالو جنس جو. پر ننڍي ۽ وڏي جي لحاظ سان، وڏي تہ موراڪي ۽ ان جو وڏو ٻچو تہ موراڪو. جيڪو ڪُرڙي يا ڏنيري جهڙو پر ان کان لاتيرو (سنهو) ۽ ڊگهي منهن وارو. وڏي موراڪي تور ۾ پنج ڪلو تائين. منهن وٽان داڻ داڻ جيڪا ڏانٽي وانگر تکي جنهن سان موراڪو ڪَترِي هٽندو ۽ ريچ ٽوڙيندو.

مُنڍو (ڇيلري). "منڍو" جدا جنس ۽ "منڍي" جدا جنس، منڍو ننڍڙو ۽ منڍي وڏي. وچئين دريائي ياڳي ۾ "دجو" سڏجي. لاڙ ۾ "مڪَر" کي منڍو بہ سڏين.

مُنڍِي (ڇيلري). بہ قسم: هڪ چِٽري ٻي ڪاري. چٽري کي "دَجِي" بہ سڏين. لاڙ جي ڍنڍن ۾ گهٽو وڏي ۽ گهٽي ٽئي. ٻي مڇي کي ڪائي. شاڪر، مُڪر ۽ چٽرو اهي ٽيئي "منڍي" جون جدا جدا ذاتيون (جنسون) آهن. ٻچو ننڍو تہ "منڍو" وڏو تہ "مُنڍي". منڍي جو نر رنگ ۾ ڪارو. بدين طرف، ننڍو تہ ڊولَرو، وڏو تہ مُڪر، ۽ اجان بہ وڏي تہ منڍي.

وَڏ- واتِي= ٽيري، ٽيلهي. وات وڏو اتس انهيءَ ڪري "وڏ-واتي" بہ سڏجي.

وانچي (چيلري). ننڍڙي ميِي، ڊيگهه ٻه انچ.
وَونچَ (چيلري). ڊيگهه ٽن انچن تائين، تور هڪ آنو،
ڪاڄي ٽي (لاڙڪاڻو- قنبر). ڊيگهه نو انچ، تور ڏيڍ پاءُ (گڏو).
وُنُنٽِري. دريائي ميِي، صفا سنهڙي، ڊيگهه ٽي انچ، ڪاڄي ٽي ۽ پڻ ميِي جو ڳاهه (ساڳي وونچ).
وهُرَ، وِهــرو (چيلري). ڏنيري، موراڪي، ٽيري جي ڳاڏڙ جنس. منهن ڏنيري جو ته پيچ موراڪي جو، وات ٽيري جو ته پويون حصو ٻي جنس جو. ڊيگهِه پوٽا ٻه فوٽ، تور پنج ڪلو (روهڙي).
هَلوهَڙ، اَلوهِڙ، اَلهوڙ (ليئي) = لهڙ. (گڏو طرف انهن نالن سان سڏجي جيڪي سِرائڪي ۾ گهٽو استعمال ۾ آهن ).


SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهن ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)